القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

سُوْرَةُ الْمُلْكِ مَكِّيَّةٌ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اٰيَاتُهَا ٣٠ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الجزء التاسع والعشرون (٢٩)

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ز وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ ﴿١﴾

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن جي هٿ ۾ آهي بادشاهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.

اهو (الله) وڏيءَ برڪت وارو آهي، جنهن جي هٿ ۾ (ساري ملڪ جي) بادشاهي آهي ۽ اهو سڀڪنهن شي تي وس وارو آهي.

الَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۭ

اهو جنهن خلقيو موت کي ۽ زندگيءَ کي جيئن پرکي توهان کي تہ توهان مان ڪير زور ڀلو آهي عمل ۾.

(الله اهو آهي) جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي (انهي لاءِ) تہ اوهان کي پرکي تہ عمل جي ڪري تمام چڱو اوهان مان ڪير آهي؟

وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ ﴿٢﴾ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ۭ

۽ اهو زبردست آهي بخشيندڙ آهي. جنهن خلقيا ست آسمان هڪبئي متان،

۽ اهو غالب بخشڻهار آهي. (الله اهو آهي) جنهن ستن آسمانن کي طبقا (طبقا) بڻايو

مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ۭ فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ

نہ ڏسندين تون مهربان جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪو فرق، پوءِ موٽاءِ نگاهہ کي ڇا

(اي ڏسندڙ! تون الله) ٻاجهاري جي بڻاوت ۾ ڪو فرق نہ ڏسندين، پوءِ ورائي (نظر ڪري) ڏس تہ

تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ﴿٣﴾ ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ

ڏسين ٿو ڪا ڏار، پوءِ وري موٽاءِ ڏسڻ کي ٻہ دفعا تہ ڦري ايندي توڏانهن

(ڪٿي) ڪا ڦوٽ ڏسين ٿو؟ پوءِ وري ٻہ نظر ڦيرائي ٻہ ڀيرا (ڏس) تہ (ضرور تنهنجي) نظر تو ڏانهن

الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ ﴿٤﴾ وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَاۗءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ

نظر ساٿي ٿي ۽ اها ٿڪل هوندي. ۽ بيشڪ اسان سينگاريو آهي آسمان ويجهي کي ٻتين سان

جهڪي ٿي ٿڪجي موٽندي. ۽ بيشڪ دنيا جي آسمان کي (تارن جي) ڏيئن سان سينگاريو اٿئون

وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَاَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيْرِ ﴿٥﴾

۽ ڪيوسون انهن کي اوماڙيون شيطانن لاءِ ۽ تيار ڪيوسون انهن لاءِ عذاب باهہ جو.

۽ انهن کي شيطانن جي چٽڻ لاءِ (هٿيار) بڻايوسون ۽ شيطانن لاءِ دوزخ جو عذاب تيار ڪيو اٿئون.

وَلِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٦﴾

۽ انهن لاءِ جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جو عذاب دوزخ جو آهي. ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي.

۽ جن پنهنجي پالڻهار جو انڪار ڪيو تن لاءِ دوزخ جي سزا آهي ۽ اها (رهڻ جي) جاءِ بڇڙي آهي.

اِذَآ اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِيْقًا وَّهِىَ تَفُوْرُ ۙ﴿٧﴾ تَكَادُ تَمَيَّزُ

جڏهن اڇليا ويندا ان ۾ ٻڌندا ان جون راڙيون ۽ اهو پيو اپامندو. جواجهو ٿو ڦاٽي

جڏهن کين دوزخ ۾ اڇليو ويندو (تڏهن) ان جون (گڏهه جهڙيون) هينگون ٻڌندا ۽ اهو پيو اپامندو. جو ڪاوڙ کان (چڻ ته) اجهو ٿو ڦاٽي!

مِنَ الْغَيْظِ ؕ كُلَّمَآ اُلْقِىَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ

جوش کان جڏهن به اڇلي ويندي ان ۾ ڪائي ٽولي ته پڇندن رکوال ان جا ڇا نه آيو توهان وٽ

جنهن مهل ڪنهن ٽوليءَ کي ان ۾ پيو وجهبو (تنهن مهل) دوزخ جا داروغا انهن کان پڇندا ته اوهان وٽ ڪو

نَذِيْرٌ ﴿٨﴾ قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ۬ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ

ڪو ڊيڄاريندڙ. چوندا هائو برابر آيو اسان وٽ ڊيڄاريندڙ, پوءِ اسان ڪوڙو ڪيوسون ۽ چيوسون ته ناهي نازل ڪيو

ڊيڄاريندڙ (پيغمبر) نه آيو هو ڇا؟ چوندا هائو! بيشڪ اسان وٽ ڊيڄاريندڙ آيو هو پر (ان کي) ڪوڙ ڄاتوسون ۽ چيوسون ته الله ڪا

اللّٰهُ مِنْ شَىْءٍ ۚۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِىْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ﴿٩﴾ وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا

الله ڪجهه به نه آهيو توهان مگر گمراهيءَ وڏي ۾. ۽ چوندا جيڪر

(به) شيءِ نه لاٿي آهي، بس اوهين ته وڏيءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) آهيو. ۽ چوندا ته جيڪڏهن اسين ٻڌون ها

نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِىْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١٠﴾ فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ

ٻڌون ها يا سمجهون ها ته نه هجون ها جهنم وارن ۾. پوءِ پاسيائون ڏوهه پنهنجا

يا سمجهون ها ته دوزخين (جي ٽوليءَ) ۾ (ڪڏهن داخل) نه ٿيون ها. پوءِ پنهنجو ڏوهه (پاڻ) مڃيندا.

فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ

پوءِ پري ٿين رحمت کان جهنم وارا. بيشڪ جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان پرپٺ

پوءِ دوزخين تي لعنت هجي شال! بيشڪ جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پرپٺ ڊڄندا آهن.

لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿١٢﴾ وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ

تن لاءِ آهي معافي ۽ اجر وڏو ۽ لڪائي ڳالهه ڪريو توهان يا ڏاڍيان چئو ان کي، بلاشڪ اهو

تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي. ۽ پنهنجي ڳالهه ڳجهي ڳالهايو يا اها پڌري چئو، ته بيشڪ الله

عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿١٣﴾ اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ؕ وَهُوَ اللَّطِيْفُ

ڄاڻندڙ آهي راز دلين جي کي. ڇا نه ٿو ڄاڻي اهو جنهن پيدا ڪيو؟ ۽ اهو اونهون ڏسندڙ

سينن جو ڳجهه ڄاڻندڙ آهي. جنهن پيدا ڪيو سو ڪيئن نه ڄاڻندو؟ ۽ اهو باريڪ بين

الْخَبِيْرُ ﴿١٤﴾ؑ هُوَ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِىْ مَنَاكِبِهَا

ع ٢

خبر رکندڙ آهي. (۽) اهو آهي جنهن پيدا ڪئي توهان لاءِ ڌرتي سولي ڪري ته هلو ان جي رستن ۾

خبر رکندڙ آهي. (الله) اهو آهي جنهن زمين کي اوهان جي تابع ڪيو ته ان جي رستن ۾ گهمو ۽ الله جي رزق مان

وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ۭ وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ ⑮ ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَاۗءِ اَنْ

۽ کائو ان جي پيدائش مان، ۽ انهيءَ ڏانهن جيئرو ٿي اٿڻو آهي. ڇا توهان بي ڊپا ٿيا آهيو ان آسمان واري کان جو

کائو ۽ (جيئرو ٿي) ڏانهس ڪٺو ٿيڻو آهي. (اوهين) انهيءَ (الله) کان بي پروا ٿيا آهيو ڇا؟ جو آسمان ۾ آهي

يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ⑯ۙ اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَاۗءِ

گسنوائي توهان کي ڌرتيءَ ۾ پوءِ اها پئي ڏڌي يا نه ڊڄو ان آسمان واري کان

نه مان اوهان کي زمين ۾ گهائي ڇڏي، پوءِ اتي جو اتي زمين ڏڌي. (اوهين) هن (ڳالهه) کان بي پروا ٿيا آهيو ڇا نه جيڪو (الله)

اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ۭ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ⑰ وَلَقَدْ

جو وسائي توهان تي پاهڻ، پوءِ اجهو ڄاڻندؤ نه ڪيئن آهي ڊيڄارڻ منهنجو ۽ پڪ

آسمان ۾ آهي سو مٿان اوهان تي پهڻ وسائيندڙ واءُ موڪلي؟ پوءِ (سگهو) ڄاڻندؤ نه منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي. ۽ بيشڪ

كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ⑱ اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ

ڪوڙو ڀانيو هو. انهن کان اڳين به پوءِ ڪيئن هئي ڪاوڙ منهنجي. ڇا نه ڏٺا ٿا ڏسن اڏامندڙ پکين کي

جيڪي انهن کان اڳ هيا تن (به) ڪوڙ ڀانيو، پوءِ منهنجي سزا ڪهڙيءَ طرح هئي. پنهنجي مٿاهون پکين ڏانهن نه ڏٺو اٿن ڇا؟

فَوْقَهُمْ صٰۗفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ڤ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ ۭ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍۢ وقف لازم اختلاف وقف منزل وقف غفران

پنهنجي مٿان پَرَ کڻيندڙ ۽ (وري) اهي بند ڪن ٿا، نه ٿو جهلي سگهين ڪوئي سواءِ الله جي، بيشڪ اهو هر شيءِ کي

جي کنڀڙيون ٽيڙي هلندا آهن ۽ (ڪلهن ڪلهن) بند ڪندا آهن. انهن کي ٻاجهاري (الله) کان سواءِ (ٻيو) ڪوبه جهلي نه رکندو آهي. جو نه اهو

بَصِيْرٌ ⑲ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ

ڏسندڙ آهي. ڇا ڪهڙو آهي اهو جو هجي لشڪر توهان جو مدد ڪري ٿو توهان جي الله مهربان

سڀڪنهن شيءِ کي ڏسندڙ آهي. اهو اوهان جو لشڪر ڪهڙو آهي. جو اوهان کي ٻاجهاري (الله) کان سواءِ

الرَّحْمٰنِ ۭ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِيْ غُرُوْرٍ ⑳ۚ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ يَرْزُقُكُمْ

کان سواءِ، رڳو ڪافر آهن دوکي ۾. ڇا ڪير اهو آهي جيڪو رزق ڏئي توهان کي

مدد ڏئي؟ ڪافر رڳو ٺڳيءَ ۾ (پيل) آهن. (ڀلا) اهو ڪير آهي جو جيڪڏهن الله پنهنجو رزق جهلي نه اهو اوهان کي

اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا فِيْ عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ ㉑ اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا

جيڪڏهن روڪي ڇڏي رزق پنهنجو بلڪ اهي زور ڀريو آهي سرڪشيءَ ۾ ۽ نفرت ۾. ڇا ڀلا جيڪو هلندو اونڌو،

روزي ڏئي؟ (ڪافر) سرڪشيءَ ۽ (حق کان) نفرت ۾ اڙجي پيا آهن. ڀلا جيڪو پنهنجي منهن ڀر اونڌو ڪريل

عَلٰي وَجْهِهٖٓ اَهْدٰٓى اَمَّنْ يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ㉒

منهن ڀر اهو وڌيڪ هدايت وارو آهي يا اهو جيڪو هلي ٿو سڌو واٽ سنئين تي؟

هلندو هجي، سو وڌيڪ سڌي رستي وارو آهي يا اهو جو سڌو سنئون سڌيءَ واٽ تي هلندو هجي؟

قُلْ هُوَ الَّذِیْۤ اَنْشَاَكُمْ وَ جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ؕ

چؤ هي اهو آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي ۽ جوڙيائين اوهان جا ڪَن ۽ اکيون ۽ دليون.

چئو ته. (الله) اهو آهي، جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايون

قَلِیْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ۝٢٣ قُلْ هُوَ الَّذِیْ ذَرَاَكُمْ فِی الْاَرْضِ وَ

ٿورڙوئي توهان شڪر ٿا ڪريو. چؤ هي اهو آهي جنهن پکيڙيو اوهان کي زمين ۾ ۽

(اوهين) ٿورڙو احسان مڃيندا آهيو. چئو ته. (الله) اهو آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ (اوهين)

اِلَیْهِ تُحْشَرُوْنَ ۝٢٤ وَ یَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ۝٢٥

ان ڏانهن ئي گڏ ڪيا ويندؤ. ۽ چون ٿا ڪڏهن آهي اهو وقت جيڪڏهن توهان آهيو سچا.

ڏانهس گڏ ڪيا ويندؤ. ۽ (ڪافر) چوندا آهن ته اهو انجام ڪڏهن (پورو) ٿيندو؟ جيڪڏهن سچا آهيو (ته ڏسيو!)

قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۪ وَ اِنَّمَاۤ اَنَا نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ۝٢٦ فَلَمَّا رَاَوْهُ

چؤ رڳو اها خبر الله کي آهي، ۽ رڳو مان آهيان ڊيڄاريندڙ پڌرو. پوءِ جڏهن ڏسندا ان کي

(اي پيغمبر ڪين) چئو ته. (اها) خبر رڳو الله وٽ آهي ۽ آءٌ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان. ۽ جنهن مهل اُن (انجام) کي

زُلْفَةً سِیْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا وَ قِیْلَ هٰذَا الَّذِیْ كُنْتُمْ

ويجهو ٿيل ته بڇڙا ٿيندا ﭜوٿ انهن جا جن انڪار ڪيو ۽ ٻڌايو ويندو هي اهو (عذاب) آهي جنهن کي توهان

ويجهو ٿيل ڏسندا (تنهن مهل) ڪافرن جا منهن ڪارا ٿيجي ويندا ۽ چئبن ته جنهن کي طلبيندا هئو سو هيءَ آهي.

بِهٖ تَدَّعُوْنَ ۝٢٧ قُلْ اَرَءَیْتُمْ اِنْ اَهْلَكَنِیَ اللّٰهُ وَ مَنْ مَّعِیَ اَوْ

گهرندا هئا. چؤ خبر ڏيو ڇا جيڪڏهن پڪڙي مونکي الله ۽ منهنجي ساٿين کي يا

(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته. ڏنو اٿوَ ڇا ته جيڪڏهن مون کي ۽ جيڪي مون سان ساٿ آهن. تن کي الله هلاڪ ڪري يا

رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ یُّجِیْرُ الْكٰفِرِیْنَ مِنْ عَذَابٍ اَلِیْمٍ ۝٢٨ قُلْ هُوَ

ٻاجهه ڪري اسان تي پوءِ ڪير بچائيندو ڪافرن کي عذاب ڏکوئيندڙ کان. ٻڌاءِ اهو

الله اسان تي ٻاجهه ڪري ته (هر صورت ۾) ڪافرن کي ڏکائيندڙ عذاب کان ڪير ڇڏائيندو؟ (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته. اهو

الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَ عَلَیْهِ تَوَكَّلْنَا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِیْ

ٻاجهارو (الله) آهي جنهن تي ايمان آندوسون ۽ انهيءَ تي ئي ڀروسو آهي، پوءِ توهان جلدي ڄاڻندؤ ته ڪير آهي

ٻاجهارو آهي، ان تي ايمان آندوسون ۽ مٿس ڀروسو ڪيوسون. پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ ته پڌريءَ گمراهيءَ ۾ ڪير آهي؟

ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ۝٢٩ قُلْ اَرَءَیْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ

گمراهي پڌري ۾. اي پيغمبر چؤ خبر ڏيو ڇا جيڪڏهن ٿي وڃي پاڻي اوهان جو هيٺ ته ڪير

(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته. ڏنو اٿوَ ڇا ته جيڪڏهن اوهان جو پاڻي هيٺ ڀيهي وڃي ته

يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿٣٠﴾ ع

آڻيندو اوهان وٽ پاڻي وهندڙ؟

اوهان وٽ وهندڙ (سُلو) پاڻي ڪير آڻيندو؟



شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ ﴿١﴾ مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ ﴿٢﴾

ن قسم آهي قلم جو ۽ ان جو جيڪي لکندا آهن، تہ ناهين تون مهرباني الله جي سان مجنون.

ن (عزت واري) قلم جو قسم آهي! ۽ ان جو بہ جيڪي (ملائڪ) لکندا آهن. تہ (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالڻهار جي فضل سان ڪو چريو نہ آهين.

وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ﴿٣﴾ وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿٤﴾

۽ بيشڪ تو لاءِ اجر آهي اڻ ڪُٽ. ۽ بيشڪ تون آهين خلق عظيم تي.

۽ بيشڪ تو لاءِ اڻ ڪٽ ثواب آهي. ۽ بيشڪ تون وڏي (بلند) اخلاق تي آهين.

فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُوْنَ ﴿٥﴾ بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ ﴿٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ

پوءِ سگهو تون ڏسندين ۽ اهي بہ ڏسندا، تہ ڪير آهي توهان مان چريو. بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي گهڻو ڄاڻي ٿو

پوءِ (تون بہ) سگهوئي ڏسندين ۽ اهي (ڪافر بہ) ڏسندا. تہ اوهان مان ڪير چريو آهي؟. بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي اُنهيءَ کي تمام چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي،

بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۪ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٧﴾ فَلَا تُطِعِ

ان کي جو گمراهہ ٿيو سندس راهہ کان ۽ اهو گهڻو ڄاڻي ٿو هدايت وارن کي. پوءِ نہ چيو وڃان

جيڪو سندس واٽ کان گمراهہ ٿيو ۽ اهو (ئي) سنئينءَ واٽ ويندڙ کي بہ تمام چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. تنهن ڪري (تون)

الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٨﴾ وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ ﴿٩﴾ وَلَا تُطِعْ كُلَّ

ڪوڙي ڪندڙن جو. اهي چاهين ٿا جي تون ڍرو ٿئين تہ اهي بہ ڍرا ٿين. ۽ نہ چيو مڃ هر

ڪوڙ ڀائيندڙن جو چيو نہ مڃ. اهي گهرندا آهن تہ جيڪڏهن (تون ساڻن ڪنهن طرح) نرمي ڪرين. تہ اهي بہ (توسان) نرمي ڪن. ۽ تون سڀ ڪنهن

حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ ﴿١٠﴾ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۢ بِنَمِيْمٍ ﴿١١﴾ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ

قسميءَ ذليل جو. طعنا هڻندڙ ڪٽي هلندڙ چغلي. روڪيندڙ خير کان حد لنگهندڙ

وڏي قسمئي خوار (ذليل) جو چيو نہ مڃ!. (جو) طعنا هڻندڙ چغلي ڪٽي هلندڙ. خير کان جهليندڙ. حد کان

اَثِيْمٍ ﴿١٢﴾ عُتُلٍّۢ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ﴿١٣﴾ اَنْ كَانَ ذَا مَالٍ وَّبَنِيْنَ ﴿١٤﴾ ط

ڏوهاري، بدطبع ان کان پوءِ بدنسل، جو اهو آهي آسودو ۽ پٽن وارو.

لنگهيل. وڏو ڏوهي. بدعادتو اِن (سڀني) کان پوءِ حرامي (بہ) هجي. اِنهيءَ ڪري جو مال ۽ اولاد وارو آهي.

اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٥﴾ سَنَسِمُهٗ عَلَى

جڏهن پڙهجن ٿيون انکي آيتون اسان جون چئي ٿو هي آڪاڻيون آهن اڳين جون. اجهو ڏنب ڏينداسون ان کي

جڏهن وٽس اسان جون آيتون پڙهجن (ٻڌجن) چوي ٿو ته اڳين جون آکاڻيون آهن. سگهوئي کيس سونڊ (نڪ) تي ڏنب ڏينداسين.

الْخُرْطُوْمِ ﴿١٦﴾ اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ ۚ اِذْ اَقْسَمُوْا

سونڊ تي. اسان آزمايو آهي انهن کي جيئن آزمايوسون باغ وارن کي، جڏهن قسم کنيائون

بيشڪ اسان هنن کي (اهڙيءَ طرح) آزمايو، جهڙيءَ طرح باغ وارن کي آزمايو هيوسون، جڏهن قسم کنيائون

لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِيْنَ ﴿١٧﴾ وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ ﴿١٨﴾ فَطَافَ عَلَيْهَا طَآئِفٌ

ته ضرور وڍي ڪنداان جي صبح سان ٿي، ۽ نه ڪيائون انشاءالله. پوءِ ڦري آئي ان تي ڪا آفت

ته سويرو (ٿي) ان (ٻوڪ) کي ضرور لڻندا (سين). ۽ انشاء الله نه چيائون. پوءِ تنهنجي پالڻهار (جي پار) کان ان (باغ واري ٻوڪ) تي هڪ اهڙي

مِّنْ رَّبِّكَ وَهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿١٩﴾ فَاَصْبَحَتْ كَالصَّرِيْمِ ﴿٢٠﴾ فَتَنَادَوْا

رب تنهنجي کان ۽ اهي ستائي پيا هئا. پوءِ ٿيڄي ويو اهو جهڙو ٻيلايل (باغ). پوءِ سڏيائون هڪٻئي کي

بلا پلٽي ۽ اهي (اجا) سمهيل ٿي هئا. جو (اها) ناڙ وانگر ٿي پئي. پوءِ سويرو هڪ ٻئي کي سڏڻ لڳا.

مُصْبِحِيْنَ ﴿٢١﴾ اَنِ اغْدُوْا عَلٰى حَرْثِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰرِمِيْنَ ﴿٢٢﴾

ڏڪيءَ مهل ته جلدي هلو پنهنجي زمين تي جيڪڏهن اتوَ قل ڪاٽڻو.

ته جيڪڏهن اوهين لاباري ڪرڻ وارا آهيو ته پنهنجيءَ ٻوڪ تي سويرو هلو.

فَانْطَلَقُوْا وَهُمْ يَتَخَافَتُوْنَ ﴿٢٣﴾ اَنْ لَّا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ

پوءِ هليا ۽ اهي ڳالهائن پيا هڪٻئي سان هوريان، ته هرگز نه لنگهي باغ ۾ اڄ توهان تي

پوءِ (اُهي) هليا ۽ هڪ ٻئي کي هوريان چوڻ لڳا. ته (جيئن) هن (ٻوڪ) ۾ اڄ اوهان وٽ ڪو مسڪين اندر اچي نه سگهي.

مِّسْكِيْنٌ ﴿٢٤﴾ وَّغَدَوْا عَلٰى حَرْدٍ قٰدِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ فَلَمَّا رَاَوْهَا قَالُوْٓا اِنَّا

ڪو فقير. ۽ هليا ساجهر ڪنجوسيءَ تي زور ڏئي. پوءِ جڏهن ڏٺائون انکي چيائون ته

۽ (پنهنجي گمان ۾) بخل (جي نيت) تي سگهارا ٿي سويرو پهتا. پوءِ جنهن مهل ان (ٻوڪ) کي ڏٺائون (تنهن مهل) چيائون ته بيشڪ اسين

لَضَآلُّوْنَ ﴿٢٦﴾ بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ

ڏِڳ ڀلي ويا سون، نه پر اسان بي نصيب ٿيا آهيون. ڳالهايو سندن وچين ڇا نه چيو هيم

(رستو) ڀليل آهيون. (نه نه) بلڪ اسين بي نصيب (ٿيل) آهيون. سندن (چڱي) (مڙس) چيو ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا ته

لَّكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾

توهان کي چو نه ٿا تسبيح پڙهو الله جي. چيائون پاڪ آهي اسان جو رب بيشڪ اسان آهيون ظالم.

الله جي پاڪائي چو نه ٿا بيان ڪريو؟ چيائون ته (اسين) پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي بيان ٿا ڪريون. بيشڪ اسين (انهيءَ نيت ڪري) ظالم هئاسون.

فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا

پوءِ هڪبئي ڏانهن منهن ڪري پاڻ ۾ ملامت ڪن پيا. چون پيا ويل ٿي ويو اسان

پوءِ هڪ ٻئي کي ملامت ڪندڙ ٿي هڪڙن ٻين ڏانهن منهن ڪيو. چوڻ لڳا ته اسان لاءِ ويل هجي (شال)! بيشڪ اسين

كُنَّا طٰغِيْنَ ﴿٣١﴾ عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا

ٿي آهيون ليڪو لنگهندڙ. من رب اسان جو بدلي ڏئي اسان کي ڀلو انهيءَ کان بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار ڏانهن

حد کان لنگهيل هئاسون. مَن اسان جو پالڻهار اسان کي هن کان (وڌيڪ) ڀلو (ٻيو باغ) بدلو ڏئي. بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن

رٰغِبُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ۭ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا وقف لازم

اميد رکندڙ آهيون. ائين ٿي اچي ٿو عذاب، ۽ يقينن عذاب آخرت جو تمام وڏو آهي، جيڪر اهي

اميد رکندڙ آهيون. ائين ئي آفت (پوڻي) آهي ۽ بيشڪ آخرت جو عذاب تمام وڏو آهي، جيڪڏهن ڄاڻن ها

يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ ع اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾ ع ١

ڄاڻن ها. بيشڪ پرهيزگارن لاءِ سندن رب وٽ آهن باغ نعمت وارا.

(ته ائين ڪڏهن به نه ڪن ها). بيشڪ پرهيزگارن لاءِ سندن پالڻهار وٽ .نعمت جا باغ آهن.

اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ مَا لَكُمْ ۣ وقفة كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾ ج

ڇا پوءِ ڪندا سون فرمانبردارن کي بي فرمانن جهڙو؟ ڇا ٿيو اٿوَ؟ ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو؟

مسلمانن کي گنهگارن جهڙو ڪنداسون ڇا؟ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي، ڪهڙو ٺهراءُ ٿا ڪريو؟

اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ تَدْرُسُوْنَ ﴿٣٧﴾ لا اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ ﴿٣٨﴾ ج اَمْ

ڇا توهان وٽ ڪو ڪتاب آهي جنهن ۾ پڙهو ٿا، ته توهان لاءِ ان ۾ آهي جيڪي چاهيو ٿا. يا

اوهان وٽ ڪو ڪتاب آهي ڇا؟ جنهن ۾ (هيءُ ڳالهه) پڙهندا آهيو. ته بيشڪ جيڪي اوهين پسند ڪندا آهيو سو آخرت ۾ اوهان لاءِ هوندو.

لَكُمْ اَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ لا اِنَّ لَكُمْ لَمَا

توهان لاءِ ڪي قسم آهن اسان جا پڪا ڏينهن قيامت تائين ته توهان کي ملندو جيڪي

اوهان جا اسان جي ذمي (هن ڳالهه جا) ڪي پڪا انجام ٿيل آهن ڇا؟ جو اهي قيامت تائين هلندا ته بيشڪ جيڪو حڪم ڪندوَ سوئي

تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٩﴾ ج سَلْهُمْ اَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ ﴿٤٠﴾ ڄ اَمْ لَهُمْ شُرَكَاۗءُ ڄ ربع عند المتقدمين

حڪم ڪندؤ. اي نبي پڇا ڪرين ته انهن مان ڪير ان جو ذميوار آهي؟ يا انهن کي شريڪ آهن.

اوهان کي ملندو. (اي پيغمبر!) مشرڪن کان پڇ ته انهن مان ڪير هن (ڳالهه) جو ذميوار آهي؟ انهن (مشرڪن) جا ڪي شريڪ آهن ڇا؟

فَلْيَاْتُوْا بِشُرَكَاۗىِٕهِمْ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٤١﴾ يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ

پوءِ ڀل آڻين پنهنجا شريڪ جيڪڏهن آهن سچا. (ياد ڪر) جنهن ڏينهن کولي ويندي

جيڪڏهن سچا آهن ته ڀل پنهنجن شريڪن کي (مدد لاءِ) آڻين. جنهن ڏينهن (قيامت ۾) پنيءَ جي تجلي ٿيندي

سَاقٍ وَّ يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٤٢﴾ خَاشِعَةً

پني ۽ سڏيا ويندا سجدي لاءِ پوءِ ڪري نه سگهندا. جهڪندڙ

۽ انهن کي سجدي ڏانهن سڏبو پوءِ (سجدو) ڏيئي نه سگهندا. انهن جون اکيون جهڪيون هونديون

اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ط وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ

اکيون انهن جون ويڙهي ويندي انهن کي خواري. حالانڪ سڏيا ويندا هئا سجدي ڏانهن

(۽) کين خواري وٺي ويندي ۽ بيشڪ انهن کي (دنيا ۾) سجدي ڏانهن سڏبو هو، حالانڪ اهي چڱا ڀلا

وَهُمْ سٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَذَرْنِيْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا الْحَدِيْثِ ط

۽ هئا اهي چڱا ڀلا. پوءِ ڇڏ مونکي ۽ ان کي جيڪو ڪوڙو ڪري ٿو هن ڳالهه کي.

(ڀ) هئا. پوءِ (اي پيغمبر!) مون کي ۽ انهيءَ کي جو هن (قرآن جي) ڳالهه کي ڪوڙ پائيندو آهي ڇڏي ڏي!

سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَاُمْلِيْ لَهُمْ ط اِنَّ

اجهو ڏيري ڏيري پڪڙينداسون ان کي اهڙي طرح جو خبر نه پوندن. ۽ ڍر ڏيان ٿو انهن کي، بيشڪ

(اسين) انهن کي درجي بدرجي (آتان دوزخ ۾) ڇڪينداسون، جتان اهي نه ڄاڻندا آهن. ۽ انهن کي مهلت ڏيان ٿو، جو ته

كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿٤٥﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ ج

منهنجي رٿ پڪي آهي. ڇا تون گهرين ٿو انهن کان اجورو پوءِ اهي چٽيءَ کان بار هيٺ آهن.

منهنجي رٿ پڪي آهي. (تون) انهن کان ڪو اجورو گهرندو آهين ڇا؟ جنهن ڪري (اُهيءَ) چٽيءَ کان ڳوري بار هيٺ آهن.

اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤٧﴾ ج فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَ

يا انهن وٽ ڪو ڳجهه آهي جو اهي لکن ٿا. پوءِ (اي نبي) سهپ ڪر پنهنجي پالڻهار جي حڪم تائين ۽

(يا) انهن وٽ ڪو ڳجهه (جو علم) آهي ڇا، جو اهي لکندا آهن؟ پوءِ (تون) پنهنجي پالڻهار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر ۽

وقف لازم

لَا تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوْتِ م اِذْ نَادٰى وَهُوَ مَكْظُوْمٌ ﴿٤٨﴾ لَوْلَآ اَنْ

نه ٿيءُ مڇيءَ جي صاحب وانگر، جڏهن پڪاريائين ۽ هئو ڏکارو. جيڪڏهن نه

مڇيءَ واري (يونس) وانگر نه هج! جڏهن دانهن ڪيائين ۽ اهو ڏک ۾ ڀرجي ويو هو. (تڏهن) جيڪڏهن ڪيس

تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ مَذْمُوْمٌ ﴿٤٩﴾

پهچي ها ان کي مهرباني سندس رب جي ته جيڪر اڇلايو وڃي ها پڌري پٽ ۾ هجي ها گلارو.

سندس پالڻهار جي طرفان رحمت نه پهچي ها ته ضرور رڃ ۾ اڇليو وڃي ها ۽ اهو بڇڙي حال هجي ها.

فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَاِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ

پوءِ چونڊيو ان کي سندس رب ۽ ڪيائين ان کي ڀلن ماڻهن مان. ۽ بيشڪ ويجها ٿيا آهن

پوءِ سندس پالڻهار کيس نوازيو ۽ صالحن مان ڪيائين. ۽ بيشڪ ڪافر جڏهن قرآن ٻڌندا آهن

كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَيَقُوْلُوْنَ

ڪافر جو تر ڪيائين توکي پنهنجين نظرن سان جڏهن ٻڌندا آهن قرآن ۽ چون ٿا ته

(تڏهن) توکي پنهنجين (تکين) اکين سان ٿيڙڻ تي هوندا آهن ۽ چوندا آهن ته بيشڪ هيءُ

اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٥١﴾ وَمَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٢﴾ ع

اهو مجنون آهي. هوڏانهن اهو رڳو نصيحت آهي جهان وارن لاءِ.

(پيغمبر) چريو آهي. ۽ (حقيقت ۾) هيءُ (قرآن) ته جهانن لاءِ نصيحت آهي.

سُوْرَةُ الْحَآقَّةِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٥٢ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلْحَآقَّةُ ﴿١﴾ مَا الْحَآقَّةُ ﴿٢﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحَآقَّةُ ﴿٣﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ

ثابت ٿيندڙ. ڇا آهي ثابت ٿيندڙ. ۽ توکي ڇا خبر ته ڇا آهي ثابت ٿيندڙ. ڪوڙو ڪيو هو ثمود

قيامت. ڇا آهي (اها) قيامت؟ ۽ ڪهڙيءَ شيءِ توکي ڄاڻايو ته قيامت ڇا آهي. ثمود ۽ عاد (قوم)

وَعَادٌۢ بِالْقَارِعَةِ ﴿٤﴾ فَاَمَّا ثَمُوْدُ فَاُهْلِكُوْا بِالطَّاغِيَةِ ﴿٥﴾ وَاَمَّا عَادٌ

۽ عاد اندهيءَ ٿوڪيندڙ کي پوءِ اهي ثمود وارا تباهه ڪيا ويا زلزلي سان. ۽ پر عاد وارا

قيامت کي ڪوڙ ڄاتو. پر پوءِ ثمود (قوم) سي ته هڪ سخت رڙ سان ناس ڪيا ويا. ۽ باقي (قوم) عاد!

فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ﴿٦﴾ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ

هلاڪ ڪيا ويا هوا ٿڌي تکيءَ سان. جا هلايائين انهن تي ست راتيون

سي هڪ بيحد ٿڌي تيز واءُ سان ناس ڪيا ويا. (الله) اُن (واءُ) کي ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن

وَّثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ حُسُوْمًا فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى كَاَنَّهُمْ

۽ اٺ ڏينهن لڳولڳ پوءِ ڏسندين اهي ماڻهو ان ۾ دسيل ڄڻ اهي

لڳولڳ مٿن ڪڙو ڪيو پوءِ (اي ڏسندڙ!) اُن (زمين) ۾ قوم کي پيل ڍٽيءَ ٿي ڄڻ ته اهي

اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ﴿٧﴾ فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ بَاقِيَةٍ ﴿٨﴾ وَجَآءَ

بنڊ ڪکين جا پورا آهن. ڇا تون ڏسين ٿو انهن جو ڪو پونير. ۽ آيو

ڪرِيل ڪکيءَ جا (پٽا) ٿڙ آهن. پوءِ انهن کي ڪجهه بچيل ڏسين ٿو ڇا؟ ۽ فرعون ۽ جيڪي اُن کان اڳ هئا

فِرْعَوْنُ وَمَنْ قَبْلَهٗ وَالْمُؤْتَفِكٰتُ بِالْخَاطِئَةِ ﴿٩﴾ فَعَصَوْا رَسُوْلَ

فرعون ۽ ان کان اڳيان ڪافر ۽ اونڌن ڳوٺن وارا ڏوهاري ٿڄي. پوءِ اهي بي فرمان ٿيا پنهنجي پالڻ

۽ اونڌي ناس ڪيل شهرن وارا (ٻه) گناهه (جا ڪم) ڪري آيا. ۽ پنهنجي پالڻهار جي موڪليل (رسول) جي نافرماني ڪيائون.

رَبِّهِمْ فَاَخَذَهُمْ اَخْذَةً رَّابِيَةً ⑩ اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ

جي رسول جا پوءِ ورتائين انهن کي وٺڻ ڏاڍو سخت. بيشڪ اسان جڏهن وڌي ويو پاڻي کنيوسون توهان کي

تنهن ڪري (الله) وڏيءَ پڪڙ سان کين پڪڙيو. بيشڪ جڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو (تڏهن) اسان اوهان کي هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو.

فِي الْجَارِيَةِ ⑪ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ⑫

ٻيڙيءَ ۾ جيئن ڪريون ان کي توهان لاءِ يادگار ۽ ٻڌي ان کي ڪَنُ سانڍيندڙ.

هن ڪري ته ان (ڳالهه) کي اوهان لاءِ يادگيري ڪريون ۽ ان کي ڪو ياد رکڻ وارو ڪَنُ ياد رکي.

فَاِذَا نُفِخَ فِي الصُّوْرِ نَفْخَةٌ وَّاحِدَةٌ ⑬ وَّحُمِلَتِ الْاَرْضُ وَ

پوءِ جڏهن ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾ ڦوڪ هڪڙي، ۽ کنيو ويندو زمين ۽

پوءِ جڏهن صور ۾ هڪڙي ڦوڪ ڦوڪبي. ۽ زمين ۽ جبل (پنهنجيءَ جاءِ تان) کنيا ويندا،

الْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَّاحِدَةً ⑭ فَيَوْمَئِذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ⑮

جبلن کي پوءِ ڀڃي ڀُرا ڪيا ويندا ڀڃڻ هڪ دفعي. تنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت.

پوءِ هڪ ڀيرو انهن کي ڪُٽي سنهو ڪيو ويندو. پوءِ ان ڏينهن قيامت قائم ٿيندي.

وَانْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَهِيَ يَوْمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ ⑯ وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى

۽ ڏري پوندو آسمان پوءِ اهو ان ڏينهن ڍلڙو ٿيندو. ۽ ملائڪ هوندا ان جي

۽ آسمان ڦاٽندو پوءِ اهو ان ڏينهن ڪمزور ٿيل هوندو. ۽ ملائڪ آسمان جي ڪنارن تي

اَرْجَآئِهَا ؕ وَيَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ ⑰

پاسن تي، ۽ کڻندا عرش تنهنجي رب جو پنهنجي مٿان ان ڏينهن اٺ ڄڻا.

هوندا ۽ تنهنجي پالڻهار جو تخت ان ڏينهن اٺ ملائڪ پنهنجي مٿان کڻندا.

يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى مِنْكُمْ خَافِيَةٌ ⑱ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ

ان ڏينهن اوهان حاضر ڪيا ويندؤ ڳجهي نه رهندي توهانجي ڪا لڪل ڳالهه. پوءِ جنهنکي ڏنو ويو سندس ڪتاب

ان ڏينهن اوهان کي (الله جي) آڏو ڪبو اوهان (جي حال) جي ڪا ڳجهي ڳالهه لڪي نه رهندي. پوءِ جنهن کي سندس اعمالنامو سندس سڄي

بِيَمِيْنِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ هَآؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ ⑲ اِنِّيْ ظَنَنْتُ اَنِّيْ

ان جي سڄي هٿ ۾ پوءِ اهو چوندو وٺو پڙهو عملنامو منهنجو مون يقين ڪيو هو ته بيشڪ آءٌ

هٿ ۾ ڏنو ويو سو چوندو ته وٺو منهنجو اعمالنامو پڙهو! بيشڪ! مون يقين رکيو هو ته آءٌ

مُلٰقٍ حِسَابِيَهْ ⑳ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ㉑ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ㉒

ماڻيندس حساب پنهنجو. پوءِ اهو هوندو حياتيءَ وڻندڙ ۾. بهشت مٿاهين ۾.

پنهنجي حساب کي پهچندس. پوءِ اهو ڀلي زندگي ۾ هوندو. مٿاهين بهشت ۾.

قُطُوفُهَا دَانِيَةٌ ﴿٢٣﴾ كُلُوا وَاشْرَبُوا هَنِيٓـًٔا بِمَآ أَسْلَفْتُمْ فِي

ميوا ان جا ويجها هوندا. کائو ۽ پيئو رچ ڪري ان ڪري جو اڳي ڪيو اٿو

جنهنجا ميوا (پهچڻ کي) ويجها هوندا. (چئبن ته) ڏئو ڪري کائو ۽ پيئو انهيءَ سبب ڪري جو گذريل ڏينهن ۾ (نيڪ عمل

الْأَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿٢٤﴾ وَأَمَّا مَنْ أُوتِيَ كِتَٰبَهُۥ بِشِمَالِهِۦ فَيَقُولُ

زماني گذريل ۾. پر جنهن کي ڏنو ويو سندس دفتر کبي هٿ ۾. پوءِ چوندو

اڳي موڪليو هيو. ۽ جنهن کي سندس اعمالنامو سندس کابي هٿ ۾ ڏنو ويو سو چوندو هاءِ ارمان!

يَٰلَيْتَنِى لَمْ أُوتَ كِتَٰبِيَهْ ﴿٢٥﴾ وَلَمْ أَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ﴿٢٦﴾ يَٰلَيْتَهَا

هاءِ جيڪر نه مليم ها منهنجو عملنامو. ۽ نه ڄاڻان ها ته ڪهڙو آهي حساب منهنجو. هاءِ جيڪر

جيڪر منهنجو اعمالنامو مون کي نه ملي ها. ۽ (هاءِ ارمان! جيڪر) نه ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي؟ هاءِ ارمان!

كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ﴿٢٧﴾ مَآ أَغْنَىٰ عَنِّى مَالِيَهْ ﴿٢٨﴾ هَلَكَ عَنِّى

موت هجي ها پورو ڪندڙ. نه بچايو مونکي منهنجي مال. هليو ويئي مون کان

جيڪر موت نبيرينڌڙ هجي ها! منهنجي ما ل مون کي (ڪو) فائدو نه ڏنو!. مون کان منهنجي بادشاهي ڇڏ ٿي!

سُلْطَٰنِيَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوهُ فَغُلُّوهُ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ الْجَحِيمَ صَلُّوهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِى

منهنجي ڏاڍ مڙسي. وٺوس ۽ ڳٽ وجهوس. پوءِ دوزخ ۾ هٽوس. پوءِ هڪ

(ملائڪن کي چئبو ته اي ملائڪو!) پڪڙيوس، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ پڌوس. وري دوزخ ۾ وجهوس. وري

سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُونَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوهُ ﴿٣٢﴾ إِنَّهُۥ كَانَ لَا يُؤْمِنُ

زنجير جنهن جي ڊيگهه آهي ستر هٿ پوءِ ان ۾ جڪڙيوس. بيشڪ اهو نه مڃيندو هو

اهڙي زنجير ۾ قابو ڪريوس جنهن جي ڊيگهه ستر گز هجي. ڇو ته اهو (ماڻهو) الله کي نه مڃيندو هو.

بِاللَّهِ الْعَظِيمِ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ﴿٣٤﴾ فَلَيْسَ

الله ايڏي وڏي کي. ۽ نه اڀاريندو هو غريبن جي کارائڻ تي. پوءِ ناهي

جو (سڀ کان) وڏو آهي. ۽ نڪي (ماڻهن کي) مسڪين جي کارائڻ تي تاڪيد ڪندو هو. تنهن ڪري

لَهُ الْيَوْمَ هَٰهُنَا حَمِيمٌ ﴿٣٥﴾ وَلَا طَعَامٌ إِلَّا مِنْ غِسْلِينٍ ﴿٣٦﴾

ان جو اڄ هتي ڪو حمايتي، ۽ نه اٽس ڪاڌو سواءِ پوڻ جي،

ان جو اڄ هت ڪو دوست ڪونهي. ۽ نڪي ان جو ڦٽن جي روڳ کان سواءِ (ٻيو) ڪو ڪاڌو آهي.

لَا يَأْكُلُهُۥٓ إِلَّا الْخَٰطِـُٔونَ ﴿٣٧﴾ فَلَآ أُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُونَ ﴿٣٨﴾ وَمَا ع ۵

نه کائيندا اهو مگر ڏوهاري. پوءِ قسم ٿو کڻان ان جو جيڪي ڏسو ٿا، ۽ جيڪي

(جي) ڏوهارين کان سواءِ (ٻيو) ڪو ان کي نه کائيندو. پوءِ جيڪي ڏسو ٿا، تنهن جو قسم کڻان ٿو. ۽ جيڪي

لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ﴿٤٠﴾ وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ

نہ ٿا ڏسو. بيشڪ اهو ڪلام رسول سڳوري جو آهي. ۽ ناهي اهو ڪلام شاعر جو.

نہ ٿا ڏسو تنهن جو (بہ). تہ بيشڪ هيءُ (قرآن) هڪ سڳوري قاصد جو سنيهو آهي. ۽ اهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نہ آهي.

قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾ وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٢﴾

ٿورڙو ئي يقين ٿا ڪريو. ۽ ناهي اها ڳالهہ پوپي جي، ٿوري ئي نصيحت ٿا وٺو.

(اوهين) گهٽ يقين ٿا رکو. ۽ نڪي ڪنهن (اڳڪٿي ڪندڙ) پوپي جو ڪلام آهي، (اوهين) گهٽ نصيحت وٺو ٿا.

تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٣﴾ وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ

اهو (قرآن) نازل ٿيل آهي پالڻهار جهانن جي ڪان، ۽ جيڪڏهن (رسول) ٺاهي ها اسان تي ڪي

(هيءُ) جهانن جي پالڻهار ڪان نازل ٿيل آهي. ۽ جيڪڏهن (پيغمبر) اسان تي ڪي ڳالهيون (پاڻ) گهڙي ها.

الْاَقَاوِيْلِ ﴿٤٤﴾ لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ﴿٤٥﴾ ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْهُ الْوَتِيْنَ ﴿٤٦﴾

ڳالهيون. تہ اسان پڪڙيون ها ان جو ساڄو هٿ، پوءِ وڍي ڇڏيون ها ان جي شهہ رڳ ڪي.

تہ ضرور سڄي هٿ ڪان ڪيس پڪڙيون ها. وري سندس دل جي رڳ وڍي ڇڏيون ها.

فَمَا مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حٰجِزِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَاِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ

پوءِ نہ هجي ها توهان مان ڪو بہ ان ڪان روڪڻ وارو. ۽ بيشڪ قرآن نصيحت آهي

پوءِ اوهان مان ڪو هڪڙو (اسان جي عذاب کي) ڪانئس جهلڻ وارو نہ آهي. ۽ بيشڪ هيءُ (قرآن) پرهيزگارن لاءِ نصيحت آهي.

لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾ وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ

خدا ترسن لاءِ ۽ بيشڪ اسان ڄاڻون ٿا تہ توهان مان ڪوڙو ڪندڙ آهن. ۽ بيشڪ اهو ارمان آهي

۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا تہ ڪي اوهان مان ڪوڙ ڀائيندا آهن. ۽ بيشڪ هيءُ (قرآن) ڪافرن لاءِ ارمان (جو سبب) آهي.

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَاِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٥١﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٥٢﴾ ٢ ع ٥ ٢

ڪافرن تي. ۽ بيشڪ اهو (قرآن) پورو يقين آهي. تنهنڪري تون پاڪائي بيان ڪر پنهنجي رب جي نالي جي جو وڏائي وارو آهي

۽ بيشڪ هيءُ (قرآن) پورو سچو آهي. تنهن ڪري (تون) پنهنجي (سڀ ڪان) وڏي پالڻهار جي نالي کي پاڪائيءَ سان ياد ڪر.

سُوْرَةُ الْمَعَارِجِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٤٤ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ ﴿١﴾ لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ لَهٗ دَافِعٌ ﴿٢﴾

گهريو هڪ سائل عذاب پوندڙ، ڪافرن تي نہ آهي انکي ڪو ٽارڻ وارو.

هڪ سوال ڪندڙ پوندڙ عذاب جو سوال ڪيو. ڪافرن تي، جنهن کي ڪو هٽائڻ وارو نہ آهي.

مِّنَ اللّٰهِ ذِی الْمَعَارِجِ ۳ؕ تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِيْ

الله جي طرفان | مالڪ درجن جو. | چڙهندا | ملائڪ | ۽ | روح | انهيءَ ڏانهن | ان

جو وڏن مرتبن (ڏيڪ) واري الله جي طرف کان (پونڊڙ) آهي. جنهن ڏينهن جي ڊيگهه پنجاهه هزار ورهه آهي، تنهن ۾

يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ۴ۚ فَاصْبِرْ صَبْرًا

ڏينهن ۾ | جنهن جو اندازو | آهي پنجاهه | هزار | ورهيه. | پوءِ تون ماٺ ڪر | مِني

ملائڪ ۽ جبرئيل الله ڏانهن (ڪافرن تي عذاب لاهڻ لاءِ) چڙهندا. تنهن ڪري تون چڱو صبر ڪر.

جَمِيْلًا ۵ اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا ۶ۙ وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا ۷ؕ يَوْمَ تَكُوْنُ

ماٺ. | اهي | پائيئن ٿا ان کي | ڏور، | ۽ اسان ڏسون ٿا ان کي ويجهڙو. | جنهن ڏينهن | ٿيندو

ڇو تہ ڪافر انهيءَ (ڏينهن) کي پري ڏسن ٿا. ۽ (اسين) اُن کي ويجهو ٿا ڏسون. جنهن ڏينهن آسمان

السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ ۸ۙ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ ۹ۙ وَلَا يَسْئَلُ

آسمان | رجايل ٽامي وانگر، | ۽ | ٿيندا | جبل | رنگين اُن جهڙا، | ۽ نہ | پڇا ڪندو

پگهريل ٽامي وانگر ٿيندو. ۽ جبل پڃيل اُن وانگر ٿيندا. ۽ ڪو ويجهو (مائٽ) ڪنهن ٻئي ويجهي (مائٽ)

حَمِيْمٌ حَمِيْمًا ۱۰ۚۖ يُّبَصَّرُوْنَهُمْؕ يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِيْ مِنْ

ڪو گهرو | گهري دوست جي، | اهي ڏيکاريا ويندا انهن کي، | چاهيندو | ڏوهاري | جيڪر | بدلي ۾ ڏئي

کان نہ پڇندو. (توڙي جو) اهي اُنهن کي ڏسڻ ۾ ايندا. گنهگار گهرندو تہ جيڪر ان ڏينهن جي عذاب جي بدران

عَذَابِ يَوْمِئِذٍۭ بِبَنِيْهِ ۱۱ۙ وَصَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِ ۱۲ۙ وَفَصِيْلَتِهِ

عذاب | ان ڏينهن جي کان | پٽ پنهنجا | ۽ | ٻيبي پنهنجي | ۽ | ڀاءُ پنهنجو، | ۽ | سندس مائٽ

پنهنجا (پيارا) پٽ بدلو ڏي. ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ڀاءُ (ٻ). ۽ پنهنجو اهو سارو قبيلو (ٻ) جنهن کيس (دنيا ۾)

الَّتِيْ تُـْٔوِيْهِ ۱۳ۙ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ ثُمَّ يُنْجِيْهِ ۱۴ۙ كَلَّاؕ اِنَّهَا

جيڪي ڪوڙيءَ ڪن انکي، | ۽ جيڪي بہ | ملڪ ۾ آهن | سمورا | پوءِ | پاڻ ڇڏائي، | خبردار | بيشڪ اها

تڪايو ٿي. ۽ اهو (بہ) جيڪو سيڻي (سامان) زمين ۾ آهي پوءِ سندس اهو (بدلو ڏيڻ) ڇڏائيس. ائين نہ آهي، بيشڪ اهو

لَظٰى ۱۵ۙ نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى ۱۶ۚۖ تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَتَوَلّٰى ۱۷ۙ وَجَمَعَ

برندڙ باهہ آهي، | ڇڪيندڙ | سر جي کل کي، | سڏيندي | ان کي جنهن پٺي ڏني | ۽ منهن موڙيو، | ۽ مال گڏ ڪيو

(دوزخ) هڪ (الابن هڻڻ واري) باهہ آهي. (مٿي جي) کل کي ڇڪيندڙ آهي. جيڪو (الله کان) پٺيرو ٿيو ۽ منهن موڙائين تنهن کي (اها) سڏي ٿي. ۽

فَاَوْعٰى ۱۸ اِنَّ الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا ۱۹ۙ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ

پوءِ سانڍي رکيو. | بيشڪ | آدمي | پيدائشي | ڪروڙي آهي، | جڏهن | پهچيس | تنگي تہ

(مال) گڏ ڪيائين پوءِ سانڍيائين. بيشڪ انسان حرص وارو پيدا ٿيل آهي. جڏهن (ڪو) ڏک پهچندو اٿس

جَزُوْعًا ﴿٢٠﴾ وَّاِذَا مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًا ﴿٢١﴾ اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ ﴿٢٢﴾ الَّذِيْنَ

روئي پٽي، ۽ جڏهن پهچيس مال ترُوڪي رکي، مگر نماز پڙهندڙ، جيڪي

(تڏهن) دانهون ڪندو آهي. ۽ جڏهن کو سک پهچندو اٿس (تڏهن) ڪنجوس ٿيندو آهي. پر (آهي) نمازي (نه). جيڪي

هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ دَآئِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ

اهي پنهنجي نماز تي پائبند آهن. اهي جن جي ملڪيت ۾ حصو

پنهنجيءَ نماز تي هميشگي ڪندا آهن. ۽ اهي (به) جن جي مالن ۾ (الله جو) حصو مقرر ٿيل آهي.

مَّعْلُوْمٌ ﴿٢٤﴾ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ﴿٢٥﴾ وَالَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ

چاتل آهي. سواليءَ ۽ محتاج لاءِ، ۽ جيڪي سچو چون ٿا ڏينهن

گهرندڙ ۽ نه گهرندڙ محتاج لاءِ. ۽ اهي (به) جيڪي قيامت جي ڏينهن جو يقين رکندا آهن.

الدِّيْنِ ﴿٢٦﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿٢٧﴾

قيامت کي، ۽ جيڪي اهي عذاب پروردگار جي کان ڊڄندڙ آهن.

۽ اهي جيڪي پنهنجي پالڻهار جي عذاب کان ڊڄڻ وارا آهن. بيشڪ سندن

اِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ ﴿٢٨﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ

بيشڪ سندن رب جو عذاب اڻ ٽر آهي، ۽ جيڪي اهي پنهنجي اگهڙن کي

پالڻهار جو عذاب (اهڙو آهي) جنهن کان بچي نه سگهبو. ۽ اهي (به) جيڪي پنهنجن اوگهڙن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن.

حٰفِظُوْنَ ﴿٢٩﴾ اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ

بچائيندڙ آهن، سواءِ پنهنجي زالن ۽ ٻانهين کان پوءِ اهي

پنهنجين زالن يا پنهنجين ٻانهين کان سواءِ (ٻين لاءِ)، جو (اُنهن ڏانهن وڃڻ ۾) اهي

غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ﴿٣٠﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ

ناهن ڇينڀ ڪيل. پر جيڪي ڪرڻ گهرن ٻيو ڪجهه پوءِ اهي

ملامت وارا نه آهن. پوءِ جيڪي ان کان سواءِ (ٻي ڳالهه) طلبيندا سي ئي

الْعٰدُوْنَ ﴿٣١﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ﴿٣٢﴾

حد ٽپندڙ آهن. ۽ جيڪي پنهنجي ڏراوتن ۽ انجام جو خيال ڪندڙ آهن.

حد کان لنگهڻ وارا آهن. ۽ اهي (به) جيڪي پنهنجن امانتن کي ۽ پنهنجن انجامن کي پوري ڪرڻ وارا آهن.

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ

۽ جيڪي پنهنجي شاهدين تي بيهندڙ آهن، ۽ جيڪي پنهنجي نماز تي

۽ اهي به جيڪي پنهنجين شاهدين تي قائم آهن. ۽ اهي به جيڪي پنهنجيءَ نماز جي

يُحَافِظُوْنَ ﴿٣٤﴾ اُولٰٓئِكَ فِيْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَمَالِ الَّذِيْنَ

سنڀال رکن ٿا. اهي باغن ۾ عزت وارا ٿيندا. (اي نبي) ڇا ٿيو آهي انهن کي جن

سنڀال ڪندڙ آهن. اهي (بهشت جي) باغن ۾ عزت سان رهندا. پوءِ ڪافرن کي ڇا (ٿيو) آهي

كَفَرُوْا قِبَلَكَ مُهْطِعِيْنَ ﴿٣٦﴾ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ عِزِيْنَ ﴿٣٧﴾

ڪفر ڪيو جو توڏي ڀڄندا ٿا اچن. ساڄي طرف کان ۽ کاٻي طرف کان ٽوليون ڪري.

جو توڏانهن ڪنڌ کڻي ڊوڙندڙ آهن؟ سڄي پاسي کان ۽ کٻي پاسي کان ٽوليون ٽوليون ٿي.

اَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيْمٍ ﴿٣٨﴾ كَلَّا ؕ

ڇا لالچ رکي ٿو هر انسان انهن مان ته داخل ڪيو وڃي بهشت نعمت واري ۾. ائين ناهي.

منجهانئن سيڪو شخص نعمت واري بهشت جي گهرڙ جي طمع ڪري ٿو ڇا؟ ائين نه آهي.

اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٩﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِرَبِّ الْمَشٰرِقِ وَالْمَغٰرِبِ

بيشڪ پيدا ڪيوسون انهنکي ان مان جنهنکي ڄاڻن ٿا. پوءِ قسم ٿو کڻان اوڀر ۽ اولهه جي پرور دگار جو

بيشڪ اسان انهن کي اُنهيءَ شيءِ مان پيدا ڪيو آهي، جنهن جي خبر اٿن. پوءِ اڀرندن ۽ الهندن جي پالڻهار جو قسم کڻان ٿو!

اِنَّا لَقٰدِرُوْنَ ﴿٤٠﴾ عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ خَيْرًا مِّنْهُمْ ۙ وَمَا نَحْنُ

ته اسين سگهه رکون ٿا. ان تي جو مٽائي آڻيون (ٻيا) چڱا انهن کان ۽ ناهيون اسان

ته بيشڪ اسين وس وارا آهيون. هن (ڳالهه) تي جو انهن کان چڱا (ٻيا) مٽائي آڻيون ۽ اسين کي

بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٤١﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ

عاجز ڪيل. پوءِ ڇڏي ڏين پلٻڪ ڪن ۽ راند ڪيڏن تيستائين جو ڏسن پنهنجي ڏينهن کي

عاجز ٿيڻ وارا نه آهيون. پوءِ (اي پيغمبر!) انهن کي (ايسين) ناهه ناهيندو ۽ راند ڪندو ڇڏي ڏي جيسين اهي

الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٤٢﴾ يَوْمَ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ سِرَاعًا

جنهن جو انجام ڪيل اٿن. اهو ڏينهن جو نڪرندا قبرن مان ڊوڙندي

پنهنجو اهو ڏينهن ڏسن جنهن جو کين انجام ڏجي ٿو. جنهن ڏينهن قبرن مان ڊوڙندا نڪرندا

كَاَنَّهُمْ اِلٰى نُصُبٍ يُّوْفِضُوْنَ ﴿٤٣﴾ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ

ڄڻ اهي طرف ڪنهن نشان جي ڀڳا ٿا وڃن جهڪندڙ اکيون انهن جون ويڙهي ويندن

ڄڻ ته اهي ڪنهن جهنڊي ڏانهن ڊڪن ٿا، (ان وقت) سندن اکيون جهڪيون هونديون، انهن کي خواري وٺي

ذِلَّةٌ ؕ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الَّذِيْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿٤٤﴾

خواري. اهو آهي اهو ڏينهن جنهن جو انجام ڏنل هئن.

ويندي! اِهو اهو ڏينهن آهي، جنهن جو کين انجام ڏنو ويو.

سُوْرَةُ نُوْحٍ مَّكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٢٨ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

إِنَّآ أَرْسَلْنَا نُوحًا إِلَىٰ قَوْمِهِۦٓ أَنْ أَنذِرْ قَوْمَكَ مِن قَبْلِ

بيشڪ اسان موڪليو نوح کي سندس قوم ڏانهن ته ڊيڄار پنهنجي قوم کي اڳي

بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليو ته پنهنجي قوم کي، انهن وٽ ڏکوئيندڙ عذاب

أَن يَأْتِيَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ① قَالَ يَٰقَوْمِ إِنِّى لَكُمْ نَذِيرٌ مُّبِينٌ ②

ان کان جو اچي انهن وٽ عذاب ڏکوئيندڙ. چيائين اي منهنجي قوم بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ آهيان ڊيڄاريندڙ پڌرو.

جي پهچڻ کان اڳ ڊيڄار. چيائين ته اي منهنجي قوم! بيشڪ آءٌ اوهان جو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.

أَنِ اعْبُدُوا اللَّهَ وَاتَّقُوهُ وَأَطِيعُونِ ③ يَغْفِرْ لَكُم مِّن ذُنُوبِكُمْ

جيئن عبادت ڪريو الله جي ۽ ڊڄوانهي کان ۽ چوڻ وٺو منهنجو ته بخشي توهان کي ڏوهه توهان جا

(۽ چوانو ٿو) ته الله جي عبادت ڪريو ۽ کانئس ڊڄو ۽ (ان ڳالهه ۾) منهنجو چيو مڃيو. ته اوهان جا ڳناهه اوهان کي بخشي

وقف لازم

وَيُؤَخِّرْكُمْ إِلَىٰٓ أَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ إِنَّ أَجَلَ اللَّهِ إِذَا جَآءَ لَا يُؤَخَّرُ

۽ رهائي توهان کي وقت مقرر تائين، بيشڪ وقت الله جو جڏهن ايندو ته نه پوئتي ڪيو ويندو.

۽ اوهان کي ٺهرايل وقت تائين ڍر ڏئي، ڇو ته جڏهن الله جو ٺهرايل وقت ايندو (تڏهن) ان کي ڍر نه ڏبي.

لَوْ كُنتُمْ تَعْلَمُونَ ④ قَالَ رَبِّ إِنِّى دَعَوْتُ قَوْمِى لَيْلًا وَنَهَارًا ⑤

جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو چيو (نوح) رب منهنجا بيشڪ مون سڏيو پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن.

جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو (ته اِن ڳالهه کي ياد رکو). (نوح) چيو ته اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ آءٌ پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن سڏيندو رهيس.

فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِىٓ إِلَّا فِرَارًا ⑥ وَإِنِّى كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ

پوءِ نه وڌايو انهن لاءِ سڏ منهنجي مگر ڀڄڻ کي. ۽ يقينن مان جڏهن به سڏيو ٿي انهن کي جيئن تون بخشين انهن کي

پوءِ منهنجي سڏڻ سندن حق ۾ ڀڄڻ کان سواءِ (ٻيو) ڪي نه وڌايو. ۽ بيشڪ مون جڏهن به انهن کي سڏيو ته (اهي توبهه ڪن ۽ تون) انهن کي بخشين

جَعَلُوٓا أَصَٰبِعَهُمْ فِىٓ ءَاذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَأَصَرُّوا

ته ڪيائون ٿي پنهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ ۽ ويڙهيائون ٿي پاڻ تي ڪپڙا ۽ ضد ڪيائون

(تڏهن) پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وڌائون ۽ پنهنجا ڪپڙا (پاڻ تي) ويڙهيائون ۽ (ڪفر تي) قائم رهيا

وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا ⑦ ثُمَّ إِنِّى دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ⑧ ثُمَّ إِنِّىٓ

۽ تڪبر ڪيائون تڪبر گهڻو. وري مان سڏيو انهن کي وڏيءَ واڪي. پوءِ مان

۽ تمام گهڻو هٺ ڪيائون. وري بيشڪ مون انهن کي ڏاڍيان سڏيو. وري بيشڪ مون انهن کي

اَعۡلَنۡتُ لَهُمۡ وَاَسۡرَرۡتُ لَهُمۡ اِسۡرَارًا ۙ﴿۹﴾ فَقُلۡتُ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ؕ

چٽو پڌرو چيم انهنکي ۽ لڪائي چيم انهنکي ڳجهي طرح، پوءِ مون چيو معافي گهرو پنهنجي رب کان،

ظاهر ظهور چيو ۽ انهن کي ڳجهيءَ طرح (بہ) چيم. پوءِ چيم تہ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو

اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ﴿ۙ۱۰﴾ يُّرۡسِلِ السَّمَآءَ عَلَيۡكُمۡ مِّدۡرَارًا ﴿ۙ۱۱﴾ وَّيُمۡدِدۡكُمۡ

بيشڪ اهو آهي بخشڻهار، تہ موڪلي مينهن توهان تي وڏ ڦڙو. ۽ وڌائي توهان کي

ڇو تہ اهو بخشڻهار آهي. تہ گهڻو وسندڙ مينهن اوهان تي لڳولڳ وسائي. ۽ اوهان کي

بِاَمۡوَالٍ وَّبَنِيۡنَ وَيَجۡعَلۡ لَّكُمۡ جَنّٰتٍ وَّيَجۡعَلۡ لَّكُمۡ اَنۡهٰرًا ﴿ؕ۱۲﴾

مال ۽ اولادسان ۽ بڻائي توهان لاءِ باغ ۽ ڪري توهان لاءِ واهہ.

مال ۽ پٽ گهڻا ئي ڏئي ۽ اوهان کي باغ ڏئي ۽ اوهان کي نهرون بڻائي ڏئي.

مَا لَكُمۡ لَا تَرۡجُوۡنَ لِلّٰهِ وَقَارًا ﴿ۚ۱۳﴾ وَقَدۡ خَلَقَكُمۡ اَطۡوَارًا ﴿۱۴﴾ اَلَمۡ

ڇا ٿيو اٿو جو نہ ٿا خيال ڪريو الله جي عظمت جو. ۽ هن پيدا ڪيو توهان کي ڪيترن نمونن ۾. ڇا نہ

اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي، جو الله جي وڏائيءَ جو ويساهہ نہ ٿا رکو؟ حالانڪ اوهان کي مختلف مرحلن ۾ خلقيائين.

تَرَوۡا كَيۡفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبۡعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ﴿ۙ۱۵﴾ وَّجَعَلَ الۡقَمَرَ

ڏٺو اٿوَ ڪيئن جوڙيا الله ست آسمان هڪٻئي مٿان، ۽ ڪيائين چنڊ کي

نہ ڏسندا آهيو ڇا تہ الله ڪيئن ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو؟ ۽ انهن ۾ چنڊ کي

فِيۡهِنَّ نُوۡرًا وَّجَعَلَ الشَّمۡسَ سِرَاجًا ﴿۱۶﴾ وَاللّٰهُ اَنۡۢبَتَكُمۡ مِّنَ

انهن ۾ روشن ۽ بڻايائين سج کي ڏيئو. ۽ الله پيدا ڪيو توهان کي

روشن ڪيائين ۽ سج کي (چمڪندڙ) ڏيئو ڪيائين. ۽ الله اوهان کي زمين منجهان هڪڙي جمائڻ

الۡاَرۡضِ نَبَاتًا ﴿ۙ۱۷﴾ ثُمَّ يُعِيۡدُكُمۡ فِيۡهَا وَيُخۡرِجُكُمۡ اِخۡرَاجًا ﴿۱۸﴾ وَاللّٰهُ

زمين مان ڪڻڻ طرح، وري واپس ڪندو توهان کي ان ۾ ۽ پوءِ ٻاهر ڪڍندو اوهان کي پوري طرح. ۽ الله

طرح ڄمايو. وري اوهان کي زمين ۾ موٽائي نيندو ۽ هڪڙي (ٻاهر) ڪڍڻ طرح اوهان کي (ٻاهر) ڪڍندو.

جَعَلَ لَكُمُ الۡاَرۡضَ بِسَاطًا ﴿ۙ۱۹﴾ لِّتَسۡلُكُوۡا مِنۡهَا سُبُلًا فِجَاجًا ﴿٪۲۰﴾

بڻائي توهان لاءِ زمين پکڙيل، جيئن وٺي هلو ان مان رستا ويڪرا.

۽ الله اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو. تہ ان ۾ ويڪرين واٽن سان هلو.

قَالَ نُوۡحٌ رَّبِّ اِنَّهُمۡ عَصَوۡنِىۡ وَاتَّبَعُوۡا مَنۡ لَّمۡ يَزِدۡهُ مَالُهٗ وَ

چيو نوح اي منهنجا رب! انهن چيو نہ مڃيو منهنجو ۽ پٺيان لڳا انهيءَ جي نہ وڌايو جنهنکي سندس مال ۽

نوح چيو تہ، اي منهنجا پالڻهارا بيشڪ انهن منهنجو چيو نہ مڃيو ۽ انهن (رئيسن جي) پويان لڳا جن جي حق ۾ سندن مال ۽

وَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ﴿٢١﴾ وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ﴿٢٢﴾ وَقَالُوْا لَا تَذَرُنَّ

سندس اولاد سواءِ ڇيهي جي. ۽ انهن هلايو مڪر وڏو. ۽ چيائون هرگز نہ ڇڏجو

سندن اولاد خساري کان سواءِ (ٻيو) ڪجهه نہ وڌايو آهي. ۽ انهن (رئيسن) تمام وڏو فريب پکيڙيو. ۽ چيائون تہ

اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوْثَ وَيَعُوْقَ وَ

پنهنجي خدائن کي ۽ نہ ڇڏجو ود ۽ نہ سواع کي، ۽ نڪي يغوث ۽ يعوق ۽

پنهنجن بتن کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو ۽ نڪي وَدّ ۽ نڪي سُواع ۽ نڪي يغوث ۽ يعُوق ۽ نَسر کي

نَسْرًا ﴿٢٣﴾ وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا ۚ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا ضَلٰلًا ﴿٢٤﴾

نسر کي. ۽ انهن ئي ڀلايائون گهڻن کي، ۽ (اي الله) نہ وڌاءِ تون ظالمن کي مگر گمراهي ۾.

(اوهين ڪڏهن) ڇڏيو. ۽ بيشڪ گهڻن کي گمراهہ ڪيائون ۽ (اي الله!) ظالمن کي گمراهيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪجهه وڌيڪ نہ ڏي.

مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا ۙ فَلَمْ يَجِدُوْا لَهُمْ

پنهنجي گناهن جي ڪري ٻوڙيا ويا پوءِ وڌا ويا باهہ ۾ پوءِ نہ لڌائون پنهنجي لاءِ

انهن کي سندن گناهن جي سبب ڪري ٻوڙيو ويو. وري انهن کي باهہ ۾ وڌو ويو پوءِ الله کان سواءِ

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْصَارًا ﴿٢٥﴾ وَقَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ

الله کان سواءِ ٻيا مددگار. ۽ چيو نوح اي منهنجا پالڻهار نہ ڇڏ زمين تي

(ٻيو) ڪو پاڻ لاءِ مددگار نہ لڌائون. ۽ نوح چيو تہ اي منهنجا پالڻهارا ڪافرن مان ڪو

مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا ﴿٢٦﴾ اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَ

ڪافرن جو ڪوئي جهڳو. يقينن تون جيڪڏهن ڇڏيندين تہ گمراهہ ڪندا تنهنجي ٻانهن کي ۽

زمين تي رهندڙ نہ ڇڏ. ڇو تہ تون جيڪڏهن انهن کي ڇڏيندين تہ تنهنجن ٻانهن کي گمراهہ ڪندا ۽

لَا يَلِدُوْٓا اِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿٢٧﴾ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَ

نہ ڄڻيندا مگر بدڪار منڪر. اي رب بخش مونکي ۽ منهنجي پيءُ ماءُ کي ۽

اهي بدڪار منڪر کان سواءِ (ٻيو) ڪي نہ ڄڻيندا. اي منهنجا پالڻهارا مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي بخش ۽

لِمَنْ دَخَلَ بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَلَا

جيڪي آيا منهنجي گهر ۾ مومن ٿي ۽ سڀني مومنن ۽ مؤمنياڻين کي، ۽ رڳو

جيڪو منهنجي گهر ۾ مومن ٿي اچي، تنهن کي ۽ سڀني مومنن ۽ مومنياڻين کي (بخش) ۽

تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا تَبَارًا ﴿٢٨﴾ ع

وڌاءِ ظالمن کي تباهي ۾.

ظالمن کي هلاڪيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪجهه وڌيڪ نہ ڏي.

ع ٢ النصف

سُوْرَةُ الْجِنِّ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ — اٰيَاتُهَا ٢٨ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا

(اي نبي) چؤ وحي ڪيو ويو مون ڏانهن ته ٻڌي ويو هڪ ٽولو جنن جو پوءِ چيائون بيشڪ اسان ٻڌوسون

(اي پيغمبرا) چئو ته، مون ڏانهن (هن ڳالهه جي) وحي موڪليو ويو ته جنن مان هڪ ٽوليءَ (قرآن) ٻڌو پوءِ چيائون ته بيشڪ اسان هڪ

قُرْاٰنًا عَجَبًا ۙ ① يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ

قرآن عجيب، جو ونائي ٿو رستو سڌو پوءِ اسان ايمان آندو انهيءَ تي، ۽ هرگز نه شريڪ ڪندا سون پنهنجي رب سان

عجيب قرآن ٻڌو. جو سڌي رستي ڏانهن ڏس ڏئي ٿو تنهن ڪري ان تي ايمان آندوسون ۽ پنهنجي پالڻهار سان ڪنهن هڪڙي کي شريڪ اصل نه ڪنداسون.

اَحَدًا ۙ ② وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ۙ ③

ڪنهين کي، ۽ بيشڪ وڏو آهي شان اسان جي پالڻهار جو نه ڪيائين ڪا زال ۽ نڪي اولاد.

۽ (بيان ڪرڻ لڳا) ته اسان جي پالڻهار جو شان تمام وڏو آهي، نڪي ڪا زال ۽ نڪي ڪو اولاد رکيو اٿس.

وَّاَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ۙ ④ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ

۽ هيءَ ته مڙهيندو آهي بي عقل اسان جو الله تي اجايون ڳالهيون، ۽ اسان ڀائيندا هئاسون ته

۽ هيءَ ته الله جي نسبت ۾ اسان مان ڪنهن بيوقوف ڪوڙو ناحق ناهيو اٿس. ۽ هيءَ ته اسان ڀانيو هو ته

تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۙ ⑤ وَّاَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ

ڪڏهن نه چوندو ڪو ماڻهو يا جنُ الله تي ڪوڙ، ۽ هي ته ڪيترائي مرد

انسان ۽ جن الله تي ڪڏهن ڪوڙ نه چوندا. ۽ هيءَ ته انسانن مان ڪيترا ماڻهو جنن جي مردن

الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا ۙ ⑥ وَّاَنَّهُمْ

انسانن مان پناه وٺندا هئا مردن جنن جي پوءِ وڌايائون انهن جي زيادتي کي، ۽ هي ته انهن ماڻهن

جي سام پوندا هئا، پوءِ (ماڻهن) جنن (جي حق) ۾ (هٺئون) وڌائي وڌائي. ۽ ته (اي جنو!) ماڻهن اهڙو

ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ۙ ⑦ وَّاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ

ڀانيو هو جيئن ڀانيو توهان ته هرگز نه اٿاريندو. الله ڪنهن کي، ۽ هي ته اسان جاچيوسون آسمان کي

گمان ڪيو هو جهڙو اوهان گمان ڪيو هو ته الله ڪنهن کي پيغمبر ڪري اصل نه موڪليندو. ۽ هيءَ ته اسان آسمان کي جاچيو،

فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّشُهُبًا ۙ ⑧ وَّاَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ

پوءِ ڏٺوسون ان کي ته ڀريو پيو هو چوڪيدارن ڏاڍن سان ۽ اماڙين سان، ۽ هي ته اسان ويهندا هئاسون

پوءِ ڏٺوسونس ته سخت چوڪيدارن ۽ الانبن سان ڀرجي ويو آهي. ۽ هيءَ ته اسين (اڳي) آسمان جي (گهڻن) رستن تي (ملائڪن جي گفتگو)

مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ۭ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ۙ ⑨

ان جي جاين تي ٻڌڻ لاءِ، پوءِ جيڪو ڪن ڏئي ٿو هينئر لهي ٿو پاڻ لاءِ اماڙي تيار ٽيل.

ٻڌڻ لاءِ وهندا هياسين. پوءِ جيڪو هاڻي ڪن ڏيندو آهي. سو پاڻ لاءِ تيار ٽيل الانبي وارو تارو ڏسندو آهي.

وَّاَنَّا لَا نَدْرِيْٓ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ

۽ هي ته اسان نه پيا ڄاڻون ته برائي رٿي ويئي آهي زمين وارن سان يا گهريو آهي انهن لاءِ

۽ هيءَ ته اسين نه ٿا ڄاڻون ته جيڪي زمين ۾ آهن تن لاءِ ڪنهن مدائيءَ جو ارادو ڪيو ويو آهي يا انهن لاءِ

رَبُّهُمْ رَشَدًا ۙ ⑩ وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَمِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ۭ كُنَّا

سندن پالڻهار ڀلائي ڪي. ۽ هي ته ڪي اسان مان ڀلارا آهن ۽ ڪي اسان مان ٻي طرح، هئاسون

سندن پالڻهار ڪو چڱائيءَ جو ارادو ڪيو آهي؟ ۽ هيءَ ته اسان مان ڪي سڌريل آهن ۽ اسان مان ڪي اُن کان سواءِ (ٻيا) آهن. (اسين)

طَرَاۗىِٕقَ قِدَدًا ۙ ⑪ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ وَلَنْ

ٽولا جدا خيالن وارا. ۽ اسان سمجهيوسون ته هرگز نه ٿڪائي سگهنداسون الله کي زمين ۾ ۽ نڪي

مختلف ٽولين ٽولين هياسون. ۽ هيءَ ته اسان پڪ ڄاتو ته زمين ۾ الله کي ڪڏهن به ٿڪائي نه سگهنداسون ۽ نڪي

نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ۙ ⑫ وَّاَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ ۭ فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ

ٿڪائيندا سون انکي ڀڄي ڪري، ۽ اسان جڏهن ٻڌوسون قرآن ته ايمان آندوسون ان تي، پوءِ جيڪو ڀروسو ڪندو

ڀڄي ڪڏهن ٿڪائي سگهنداسونس. ۽ هيءَ ته جڏهن اسان هدايت (جي ڳالهه) ٻڌي (تڏهن) ان تي ايمان آندوسون. پوءِ جيڪو پنهنجي پالڻهار تي

بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا ۙ ⑬ وَّاَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُوْنَ وَمِنَّا

پنهنجي رب تي سو نه ڊڄندو ڪنهن نقصان کان ۽ نڪي زيادتي کان، ۽ اسان مان ڪجهه فرمانبردار آهن ۽ ڪجهه

ايمان آڻيندو سو نڪي ڪنهن نقصان کان ۽ نڪي ڪنهن ظلم کان ڊڄندو. ۽ هيءَ ته اسان مان ڪي مسلمان آهن ۽ اسان مان

الْقٰسِطُوْنَ ۭ فَمَنْ اَسْلَمَ فَاُولٰۗىِٕكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا ⑭ وَاَمَّا الْقٰسِطُوْنَ

بي انصاف، پوءِ جن اسلام آندو ته انهن ڳولي ورتو سڌو رستو. ۽ باقي بي انصاف

ڪي ظالم آهن. پوءِ جيڪي مسلمان ٿيا تن سڌيءَ واٽ جي سوچ ڪئي. ۽ باقي ظالم، سي دوزخ لاءِ ڪاٺيون هوندا.

فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ۙ ⑮ وَّاَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا عَلَي الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ

سي ٿيندا دوزخ لاءِ ڪاٺيون، ۽ هي ته جيڪڏهن سڌا هلن ها راهه تي ته پيارون ها انهن کي

۽ (اي پيغمبر!) هيءَ (به چئو ته مون ڏانهن وحي موڪليو ويو آهي) ته جيڪڏهن (ماڻهو سڌيءَ) واٽ تي بيهڪ وٺن ها ته

مَّاۗءً غَدَقًا ۙ ⑯ لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ۭ وَمَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ

پاڻي جام. جيئن آزمايون انهنکي ان ۾، ۽ جيڪو منهن موڙيندو رب جي قرآن کان ته موڪليندو ان کي

ضرور انهن (جي پوکن) کي گهڻو پاڻي پياريون ها. ته جيئن اُن (سڪار ڪرڻ) ۾ کين پرکيون ۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندو،

عَذَابًا صَعَدًا ﴿١٧﴾ وَّاَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿١٨﴾

عذاب چڙهندڙ ۾. ۽ هي ته بيشڪ سجدي جون جايون الله لاءِ آهن پوءِ نه سڏيو گڏ الله سان ڪنهن کي.

تنهن کي (الله) سخت عذاب ۾ ڦاسائيندو. ۽ هيءَ ته (سڀ) مسجدون (خاص) الله جون آهن، تنهن ڪري الله سان (گڏ) ڪنهن جي عبادت نه ڪريو.

وَّاَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾ ع ١٩

۽ هي ته جڏهن بيهي ٻانهو الله جو سڏي پيو ان کي ته اهي (ڪافر) هئا متس انبوهه ڪرڻ وارا.

۽ هيءَ ته جنهن مهل الله جو ٻانهو (محمد ﷺ) بيٺو ته سندس عبادت ڪري (تنهن مهل جن) متس ڳاهٽ ڪرڻ تي هئا.

قُلْ اِنَّمَآ اَدْعُوْا رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٠﴾ قُلْ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ

(اي رسول) چؤ آءٌ رڳو سڏيان ٿو پنهنجي پروردگار کي ۽ نه شريڪ ڪندس ان سان ڪنهن کي. چؤ (اي رسول) بيشڪ آءٌ نه ٿو اختيار رکان

چئو ته، آءٌ رڳو پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪريان ٿو ۽ ڪنهن هڪڙي کي ساڻس شريڪ نه ٿو ڪريان. چئو ته، بيشڪ آءٌ

لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾ قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللّٰهِ اَحَدٌ ۙ

اوهان لاءِ گمراهي جو ۽ نڪي هدايت جو. چؤ هرگز نه بچائيندو مون کي الله کان ڪوئي،

اوهان کي ڏک پهچائڻ ۽ سنئين رستي تي آڻڻ جو وس نه ٿو رکان. چئو ته، بيشڪ مون کي الله (جي عذاب) کان ڪوبه نه بچائيندو

وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾ اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ۭ

۽ نه ٿو لهان ان کان سواءِ ڪوئي بچاءُ، مگر خبر پهچائڻ الله جي طرفان ۽ پيغام ان جا.

۽ ان کان سواءِ ڪا پناهه ڪڏهن نه لهندس. پر الله جي پار کان خبر پهچائڻي آهي ۽ سندس پيغام پهچائڻا آهن

وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ

۽ جيڪو بي فرماني ڪندو الله جي ۽ سندس رسول جي پوءِ بلاشڪ ان لاءِ آهي باهه دوزخ جي رهندا ان ۾

۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي نافرماني ڪندو تنهن لاءِ بيشڪ دوزخ جي باهه آهي، جنهن ۾ سدائين رهندا.

اَبَدًا ﴿٢٣﴾ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ

سدائين. نيٺ جڏهن ڏسندا الڪي جيڪو ساڻن وعدو ڪجي ٿو تڏهن سگهو ڄاڻندا ته ڪنهن جا زياده ڪمزور آهن

(ايستائين غفلت ۾ رهندا) جيسين ڪ جيڪو انهن کي انجام ڏجي ٿو سو ڏسن، پوءِ ڄاڻندا ته مددگار جي ڪري وڌيڪ هيٺو

نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾ قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ

مددگار ۽ تمام گهٽ ڳاڻاٽي ۾. چؤ مان نه ٿو ڄاڻان ته ويجهو آهي توهان سان ڪيل وعدو يا

۽ ڳاڻاٽي جي ڪري تمام ٿورو ڪير آهي. (ڪين) چئو ته، آءٌ نٿو ڄاڻان ته جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو سو (الائي) ويجهو آهي يا

يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا ﴿٢٥﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ

ڪري ٿو ان لاءِ منهنجو رب ڪا دير. اهو ڳجهه ڄاڻندڙ آهي پوءِ نه ٿو واقف ڪري پنهنجي غيب تي

منهنجو پالڻهار ان جي ڪا (ٻي) مدت مقرر ڪندو؟ (اهو) ڳجهه ڄاڻندڙ آهي، پوءِ پنهنجي ڳجهه تي ڪنهن هڪڙي کي واقف نه ڪندو آهي.

اَحَدًا ﴿٢٦﴾ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ

ڪنهين کي، مگر چونڊي جنهن رسول کي پوءِ اهو هلائي ٿو ان جي

سواءِ ان پيغمبر جي جنهن کي پسند ڪيائين، پوءِ بيشڪ الله سندس اڳيان ۽ سندس پوئتان

يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿٢٧﴾ لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ

اڳيان ۽ ان جي پويان پهري کي، جيئن ظاهر ڪري ته انهن پهچايا پيغام پنهنجي پروردگار جا

نگهبان (ملائڪ) موڪليندو آهي. (هن لاءِ) ته ڄاڻي ته پنهنجي پالڻهار جا حڪم سچ پچ پهچايا اٿن

١٢ ع ٢ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾

۽ گهيرو ڪيائين ان تي جا انهن وٽ آهي ۽ ڳڻيائين هر شيءِ جو عدد.

۽ جيڪي وٽن آهي تنهن کي (الله هر طرح پنهنجي) وس رکيو آهي ۽ سڀڪنهن شيءِ جو ڳاڻاٽو ڳڻي ڇڏيو اٿس.

سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلِ مَكِّيَّةٌ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اٰيَاتُهَا ٢٠ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ﴿١﴾ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢﴾ نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ

اي ساڻي ويڙهيندڙ، بيهه ساري رات مگر ڪجهه گهٽ، اڌ ان جو يا گهٽاءِ

اي (ٻاڪ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا (مڙس!). رات جو اٿي پر ٿورو. رات جو اڌ يا ان کان ٿورو گهٽاءِ.

مِنْهُ قَلِيْلًا ﴿٣﴾ اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ﴿٤﴾ اِنَّا سَنُلْقِيْ

ان مان ٿورو، يا وڌاءِ انهيءَ تي ۽ تمام ٺاهي پڙهه قرآن سمجهڻ لاءِ. بيشڪ اسان ترت رکنداسون

يا اڌ رات تي ڪجهه وڌاءِ ۽ قرآن ٺاهي ٺاهي (ترتيل سان) پڙهه!. بيشڪ اسين توتي هڪ ڳرو

عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ﴿٥﴾ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْاً وَّاَقْوَمُ

توتي ڪلام ڳرو. بيشڪ اٿڻ رات جو اهو آهي سخت لتاڙڻ ۾ ۽ تمام پڪو آهي

حڪم نازل ڪنداسون. بيشڪ رات جو اٿڻ (نفس جي) جهڪي ڪرڻ ۾ تمام سخت آهي ۽ (لفظن) جوڙڻ ۾

قِيْلًا ﴿٦﴾ اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ﴿٧﴾ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَ

پڙهڻ لاءِ. يقينن تولاءِ آهي ڏينهن ۾ ڌنڌو گهڻو. ۽ ياد ڪر نالو پنهنجي رب جو ۽

تمام پڪو آهي. بيشڪ توکي ڏينهن ۾ (ماڻهن کي دين سيکارڻ جو) گهڻو ڌنڌو آهي. ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽

تَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ﴿٨﴾ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ

ٽي پؤ انهيءَ جو پين کي ڪاٽي، اهو آهي پالڻهار اوڀر ۽ اولهه جو، ناهي ڪو مالڪ ان کان سواءِ

سڀني پاسن کان هڪ طرفو ٿي چڱيءَ طرح ڏانهس متوجه ٿيءُ. جو اوڀر ۽ اولهه جو رب آهي. ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نه آهي.

فَاتَّخِذْهُ وَكِيْلًا ⑨ وَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا

پوءِ وٺ اُن کي ڪارساز ڪري. ۽ صبر ڪر ان تي جيڪي چون ٿا (ڪافر) ۽ پري ٿيءُ انهن کان پري ٿيڻ

تنهن ڪري (تون) کيس پرجهلو ڪري وٺ. ۽ (ڪافر) جيڪي چوندا آهن، تنهن تي صبر ڪر ۽ چڱيءَ طرح انهن کي ڇڏي ڏي.

جَمِيْلًا ⑩ وَذَرْنِيْ وَالْمُكَذِّبِيْنَ اُولِي النَّعْمَةِ وَمَهِّلْهُمْ قَلِيْلًا ⑪

چڱي طرح. ۽ ڇڏ مونکي ۽ ڪوڙي ڪندڙن دولت وارن کي ۽ ڍر ڏي انهنکي ٿورڙي.

۽ مون کي ۽ جيڪي ڪوڙ پائيندڙ آسودا آهن، تن کي ڇڏي ڏي ۽ انهن کي ٿوري مهلت ڏي.

اِنَّ لَدَيْنَآ اَنْكَالًا وَّجَحِيْمًا ⑫ وَّطَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّعَذَابًا اَلِيْمًا ⑬

يقينن اسان وٽ آهن هٿڪڙيون ۽ ٻرڪندڙ باهه. ۽ کاڌو نڙيءَ ۾ اٽڪڻ وارو ۽ عذاب دردناڪ.

بيشڪ اسان وٽ (ڳرا) نيل ۽ (ٻاريل) باهه آهي. ۽ نڙي گھٽيندڙ طعام ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

يَوْمَ تَرْجُفُ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ وَكَانَتِ الْجِبَالُ كَثِيْبًا مَّهِيْلًا ⑭

جنهن ڏينهن ڏڪندي زمين ۽ (ڏڪندا) جبل ۽ ٿي پوندا پهاڙ واريءَ جا ڍڳ ڍٽل.

جنهن ڏينهن زمين ۽ جبل ڏڪندا ۽ جبل واريءَ جا ڍڳ هاريل ٿيندا.

اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى

بيشڪ اسان موڪليوسون توهان ڏي رسول ڪري، رهبر ڪري توهان تي جيئن موڪليوسون

(اي انسانو!) بيشڪ اسان اوهان ڏانهن هڪ پيغمبر اوهان تي شاهدي ڏيندڙ موڪليو، جهڙيءَ طرح فرعون ڏانهن

فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا ⑮ فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا

فرعون ڏانهن رسول ڪي. پوءِ نافرماني ڪئي فرعون رسول جي پوءِ پڪڙيوسون ان کي پڪڙڻ

(موسيٰ) پيغمبر (ڪري) موڪليوسون. پوءِ فرعون اُن پيغمبر جي نافرماني ڪئي، تنهن ڪري ان کي سخت پڪڙ ۾ پڪڙيوسون.

وَّبِيْلًا ⑯ فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ

سخت. پوءِ ڪيئن بچندؤ جي نه مڃيندؤ تنهن ڏينهن کان جو ڪندو ٻارڙن کي

پوءِ جيڪڏهن (اوهين) ڪافر رهندؤ ته اهڙي ڏينهن کان ڪيئن بچندؤ، جيڪو ٻارن کي ٻڍو ڪندو؟

شِيْبًا ⑰ السَّمَآءُ مُنْفَطِرٌۢ بِهٖ ۭ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا ⑱ اِنَّ هٰذِهٖ

ٻڍو. آسمان ڦاٽڻو آهي ان ۾، آهي وعدو ان جو پورو ٿيڻو. بيشڪ هيءَ

ان (ڏينهن) ۾ آسمان ڦاٽندو الله جو انجام (ضرور پورو) ٿيڻو آهي. بيشڪ هيءَ نصيحت آهي.

تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ⑲ ع اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ ع ۱۹ ۱

نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري ته وٺي پنهنجي رب ڏانهن رستو. برابر تنهنجو پاليندڙ ڄاڻي ٿو

پوءِ جيڪو گهري سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن واٽ وٺي. بيشڪ تنهنجو پالڻهار ڄاڻندو آهي

اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَنِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ وَطَآىِٕفَةٌ

تہ تون بيھندو آھين قريب ٻہ ٽھايون رات جون ۽ اڌ ان جو ۽ ٽھائي ان جي ۽ ھڪ جماعت

تہ تون ٻن ٽھائن رات جي ويجھو اٿندو آھين ۽ اڌ رات جو ۽ ٽھائي رات جي ۽ جيڪي تو ساڻ آھن تن مان بہ

مِّنَ الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ عَلِمَ اَنْ لَّنْ

انھن مان جيڪي ساڻ ڏينڊڙ آھن توسان، ۽ الله ماپيندو رات کي ۽ ڏينھن کي، ان ڄاتو آھي تہ اوھان ھرگز نہ

ھڪ ٽولي (اٿندي آھي) ۽ الله رات ۽ ڏينھن جو اندازو ڪندو آھي، الله ڄاتو تہ اوھين رات جو اٿڻ پورو ڪري نہ ٿا سگھو

تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ

پورو ڪندؤ انکي پوءِ معاف ڪيائين توھان کي پوءِ پڙھو جيڪي ٿي سگھي قرآن مان، ان ڄاتو

تنھن ڪري اوھان تي ٻاجھہ سان موٽيو، پوءِ جيترو آسان ٿي سگھي (سو) قرآن مان پڙھو

اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِى الْاَرْضِ

تہ اجھو ٿيندا توھان مان ڪي بيمار ۽ ڪي ٻيا سفر ڪندا ملڪ ۾

الله ڄاتي ڇڪو تہ اوھان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ٻيا جي زمين ۾ مسافري ڪن ٿا،

يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ

تلاش ڪندا الله جو فضل ۽ ٻيا لڙائي ڪندا راھ

الله جي فضل مان (روزيءَ جي) طلب ڪن ٿا ۽ ٻيا الله جي واٽ ۾ (ڪافرن سان) وڙھن ٿا،

اللّٰهِ ۖ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ

الله جي ۾، پوءِ پڙھو جيڪي ٿي سگھي انھيءَ مان ۽ پڙھندا رھو نماز ۽ ڏيو زڪوات

تنھن ڪري جيترو قرآن مان آسان ٿي سگھي سو پڙھو ۽ نماز کي قائم رکو ۽ زڪوات ڏيو

وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ

۽ قرض ڏيو الله کي قرض چڱو، ۽ جيڪو اڳتي موڪليندؤ پنھنجي لاءِ ڪو

۽ الله کي چڱيءَ طرح قرض ڏيو ۽ جيڪي پاڻ لاءِ نيڪيءَ مان اڳي موڪليندؤ

خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّاَعْظَمَ اَجْرًا ؕ وَاسْتَغْفِرُوا

چڱو ڪم تہ لھندؤ انکي الله وٽ وڏيڪ ڀلو ۽ وڏي اجر وارو، ۽ معافي گھرو

تنھن کي الله وٽ وڏيڪ چڱو ۽ اجر ڪري تمام وڏو لھندؤ ۽ الله کان بخشش گھرو،

اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٠﴾ ع

الله کان، بيشڪ الله بخشيندڙ مھربان آھي.

ڇو تہ الله بخشڻھار مھربان آھي.

ركوع ٢

سُوْرَةُ الْمُدَّثِّرِ مَكِّيَّةٌ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اٰيَاتُهَا ۵۶ رُكُوْعَاتُهَا ۲

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰۤاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ۙ﴿۱﴾ قُمْ فَاَنْذِرْ ۙ﴿۲﴾ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ۙ﴿۳﴾ وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ۙ﴿۴﴾

اي چادر ويڙهيندڙ، اٿ پوءِ ڊيڄار، ۽ پنهنجي پالڻهار جي پوءِ وڏائي ٻڌاءِ، ۽ ڪپڙا پنهنجا پاڪ رک.

اي (ڀاڻ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا (مڙس!). اٿي پوءِ ڊيڄار! ۽ پنهنجي پالڻهار جي وڏائي بيان ڪر. ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ رک.

وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ۙ﴿۵﴾ وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ۙ﴿۶﴾ وَلِرَبِّكَ فَاصْبِرْ ؕ﴿۷﴾

۽ نجاست کي پوءِ پري ڪر، ۽ نه ڪر احسان ٿورو جو گهڻو ڪري وٺين، ۽ پنهنجي رب لاءِ پوءِ صبر ڪر.

۽ پليتيءَ کان پري رهه. ۽ نه جڳائي ته وڌيڪ گهرندڙ ٿي، احسان ڪرين. ۽ پنهنجي پالڻهار (جي حڪم) لاءِ صبر اختيار ڪر.

فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ ۙ﴿۸﴾ فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ۙ﴿۹﴾ عَلَى

پوءِ جڏهن ڦوڪيو ويندو نفير ۾، پوءِ اهو ان ڏينهن وقت ڏکيو ٿيندو. ڪافرن

پوءِ جڏهن صور ۾ ڦوڪبو. تڏهن انهيءَ ڏينهن اوکو وقت ٿيندو.

الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ ﴿۱۰﴾ ذَرْنِيْ وَمَنْ خَلَقْتُ وَحِيْدًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّجَعَلْتُ

تي نه سولو. (اي نبي) ڇڏ مونکي ۽ جنهنکي پيدا ڪيم اڪيلو، ۽ ڪيم

ڪافرن تي اڻ سکيو (وقت) هوندو. مون کي ۽ جنهن کي اڪيلو پيدا ڪيم، تنهن کي ڇڏي ڏي.

لَهٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا ۙ﴿۱۲﴾ وَّبَنِيْنَ شُهُوْدًا ۙ﴿۱۳﴾ وَّمَهَّدْتُّ لَهٗ تَمْهِيْدًا ۙ﴿۱۴﴾

ان لاءِ مال گهڻو. ۽ پٽ ڪچهريدار، ۽ وڏايم انکي پوري طرح.

۽ ان کي گهڻو مال ڏنم. ۽ (مجلس ۾) حاضر ٿيڻ وارا پٽ (به ڏنم). ۽ ان کي پوريءَ طرح وڏايم.

ثُمَّ يَطْمَعُ اَنْ اَزِيْدَ ۙ﴿۱۵﴾ كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيْدًا ؕ﴿۱۶﴾ سَاُرْهِقُهٗ

وري اهو لالچ ٿو ڪري ته اجا ڏيانس، ائين نه ٿيندو، بلاشڪ اهو آهي اسان جي آيتن سان ضد ڪندڙ. اجهو چاڙهيندس ان کي

وري (به) لالچ رکندو آهي ته (کيس) وڌيڪ ڏيان. ائين نه آهي، بيشڪ اهو اسان جي آيتن سان جهيڙو ڪندڙ آهي. جلد ان کي

صَعُوْدًا ؕ﴿۱۷﴾ اِنَّهٗ فَكَّرَ وَقَدَّرَ ۙ﴿۱۸﴾ فَقُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ۙ﴿۱۹﴾ ثُمَّ قُتِلَ

اڀي جبل تي. انهيءَ سوچ ڪئي ۽ ڳالهه ٺاهي، پوءِ مار پويس ڪيئن ڳالهه ٺاهيائين، پوءِ مار پويس

وڏيءَ سختيءَ سان تڪليف ڏيندس. ڇو ته اُن (دل ۾) سوچ ڪئي ۽ ٺهراءُ ڪيو، پوءِ لعنت هجيس شال! ڪيئن ٺهراءُ ڪيائين.

كَيْفَ قَدَّرَ ۙ﴿۲۰﴾ ثُمَّ نَظَرَ ۙ﴿۲۱﴾ ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَ ۙ﴿۲۲﴾ ثُمَّ اَدْبَرَ وَاسْتَكْبَرَ ۙ﴿۲۳﴾

ڪيئن ڳالهه ٺاهيائين، وري ڏٺائين، پوءِ گهنڊ وڌائين ۽ ٻوٿ ٻڇڙو ڪيائين، پوءِ پٺيرو ٿيو ۽ آڪڙ ڪيائين،

وري به لعنت هجيس شال! ڪيئن ٺهراءُ ڪيائين. پوءِ (غور ڪري) ڏٺائين. وري منهن ۾ شور وڌائين ۽ گهنڊ پاتائين. وري پٺيرو ٿيو ۽ وڏائي ڪيائين.

فَقَالَ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ يُّؤْثَرُ ﴿٢٤﴾ اِنْ هٰذَآ اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ﴿٢٥﴾ سَاُصْلِيْهِ

پوءِ چيائين هي (قرآن) رڳو جادو آهي جو هليو ٿو اچي. ناهي اهو (قرآن) مگر پول ماڻهوءَ جو. اجهو آءٌ وجهندس انکي

پوءِ چيائين تہ هيءُ (قرآن) رڳو جادو آهي جو (جادوگرن کان) هليو ٿو اچي. هيءُ (قرآن) رڳو ماڻهوءَ جو ڪلام آهي. جلدان کي دوزخ ۾ وجهندس.

سَقَرَ ﴿٢٦﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سَقَرُ ﴿٢٧﴾ لَا تُبْقِيْ وَلَا تَذَرُ ﴿٢٨﴾ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ﴿٢٩﴾

دوزخ ۾. ۽ ڇا خبر توکي ڇا آهي دوزخ. اهو نہ ٿو بچائي ۽ نڪي ڇڏي ٿو. لوساٽيندڙ آهي ماڻهوءَ کي.

۽ توکي ڪهڙيءَ شيءِ ڄاڻايو تہ دوزخ ڇا آهي؟ (اهو) نہ ڪي ڪجھ (گوشت) رهائي ٿو ۽ نہ ڪي (هڏا) ڇڏي ٿو. ماڻهن کي (ساڙي) ڪارو ڪندڙ آهي.

عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ﴿٣٠﴾ وَمَا جَعَلْنَآ اَصْحٰبَ النَّارِ اِلَّا مَلٰٓئِكَةً

ان تي اڻويهہ ڄڻا آهن. ۽ رڳو مقرر ڪياسون سنڀاليندڙ باهہ جا ملائڪ

اُن تي اُڻويهہ (ڄڻا دربان) آهن. ۽ دوزخ جا دربان رڳو ملائڪ ڪيا اٿئون

وَّمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ اِلَّا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ

۽ نہ ڪيو اٿئون ڳاڻاٽو انهن جو مگر پرڪا منڪرن لاءِ جيئن پڪ ڪن اهي جن کي

۽ سندن ڳاڻاٽو رڳو ڪافرن لاءِ پرک ڪئي اٿئون تہ ڪتاب وارا يقين ڪن

اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَيَزْدَادَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِيْمَانًا وَّلَا يَرْتَابَ الَّذِيْنَ

مليو ڪتاب ۽ جيئن وڌي ايمان وارن جو ايمان ۽ نہ شڪ ۾ پون اهي

۽ ايمان وارا (پنهنجي) ايمان ۾ وڌن ۽ ڪتاب وارا ۽ مومن شڪ ۾

اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۙ وَلِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ

جنکي ڏنو ويو ڪتاب ۽ مسلمان ۽ جيئن چون اهي جن جي دلين ۾ مرض آهي

نہ پون ۽ تہ جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي، سي ۽ ڪافر چون تہ

وَّالْكٰفِرُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ۭ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ

۽ ڪافر تہ ڇا ارادو ڪيو الله انهيءَ بيان مان. اهڙي طرح گمراهہ ڪري ٿو الله

هن مثال ڏيڻ ۾ الله جو ڇا مطلب آهي؟ اهڙيءَ طرح الله جنهن کي گهري (تنهن کي) ڀلائيندو آهي

مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّا هُوَ ۭ

جنهن کي چاهي ۽ هدايت ڪري ٿو جنهنکي چاهي. ۽ نہ ڄاڻي ڪوبہ لشڪر تنهنجي رب جا مگر اهو پاڻ

۽ جنهن کي گهري (تنهن کي) هدايت ڪندو آهي ۽ تنهنجي پالڻهار جو لشڪر اُن (الله) کان سواءِ (ٻيو) ڪوبہ ڪونہ ڄاڻندو آهي

ع ١٥ وَمَا هِيَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْبَشَرِ ﴿٣١﴾ كَلَّا وَالْقَمَرِ ﴿٣٢﴾ وَالَّيْلِ اِذْ اَدْبَرَ ﴿٣٣﴾

۽ ناهي اها مگر نصيحت انسانن لاءِ. خبردار! قسم چنڊ جو. قسم رات جو جڏهن پٺيري ٿئي.

۽ هيءَ (دوزخ جي باهہ) تہ (سيکڻهن) ماڻهوءَ لاءِ رڳي نصيحت آهي. سچ چوان ٿو چنڊ جو قسم آهي. ۽ رات جو (قسم آهي) جڏهن پٺ ڦيري.

وَالصُّبْحِ اِذَآ اَسْفَرَ ﴿٣٤﴾ اِنَّهَا لَاِحْدَى الْكُبَرِ ﴿٣٥﴾ نَذِيْرًا لِّلْبَشَرِ ﴿٣٦﴾ لِمَنْ

قسم صبح جو جڏهن چٽو ٿئي، بيشڪ اها باهه هڪ وڏي ڳالهه آهي. ڊيڄاريندڙ آهي ماڻهو کي. جيڪو

۽ صبح جو (قسم آهي) جڏهن روشن ٿئي. ته بيشڪ دوزخ هڪ وڏين (شين) مان آهي. (سيڪنهن) ماڻهوءَ کي ڊيڄاريندڙ آهي.

شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّتَقَدَّمَ اَوْ يَتَاَخَّرَ ﴿٣٧﴾ كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ﴿٣٨﴾

گهري توهان مان ته اڳتي وڌي يا پوئتي رهي. هر نفس پنهنجي ڪردار ۾ ڦاٿل آهي.

اوهان مان انهيءَ (بهشت) لاءِ جيڪو گهري ته اڳي وڌي يا (دوزخ ۾) پلٽي رهي. سيڪو جيءُ پنهنجي ڪئي ۾ ڦٻل آهي.

اِلَّآ اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ ﴿٣٩﴾ فِىْ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٤١﴾

مگر ساڄي پاسي وارا. باغن ۾ هوندا، سوال پڇندا، ڏوهارين کان.

پر سڄي پاسي وارا (ڇٽل آهن). (بهشت جي) باغن ۾ هوندا. گڏجي پڇندا. ڏوهارين کان.

مَا سَلَكَكُمْ فِىْ سَقَرَ ﴿٤٢﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿٤٣﴾ وَلَمْ نَكُ

ڪهڙي شيءِ وڌو توهان کي دوزخ ۾. چوندا نه هئاسون نماز پڙهندڙ، ۽ نڪي

ته اوهان کي دوزخ ۾ ڪهڙيءَ ڳالهه وڌو؟ چوندا ته نڪي نمازين مان هياسون. ۽ نڪي

نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَكُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَكُنَّا نُكَذِّبُ

کاڌو ڏيندا هئاسون فقير کي. ۽ بڪ ڪندا هئاسون گڏ بڪواس ڪندڙن سان، ۽ ڪوڙو پائيندا هئاسون

مسڪينن کي کارائيندا هياسون. ۽ بڪواسين سان گڏ بڪواس ڪندا هياسون. ۽ بدلي جي ڏينهن کي

بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٤٦﴾ حَتّٰىٓ اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿٤٧﴾ فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ

قيامت جي ڏينهن کي، نيٺ آيو اسان وٽ موت. پوءِ نه نفعو ڏيندي انهن کي پارت

ڪوڙ پائيندا هياسون. تان جو اسان تي موت آيو. پوءِ کين پارت ڪندڙن جي پارت نفعو نه ڏيندي.

الشّٰفِعِيْنَ ﴿٤٨﴾ فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٩﴾ كَاَنَّهُمْ

سفارش ڪندڙن جي. پوءِ ڇا ٿيو اٿن جو نصيحت کان منهن ٿا موڙين، ڄڻ ته اهي

پوءِ انهن کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو نصيحت کان منهن موڙيندڙ (ٿيا) آهن. ڄڻ ته اهي

حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ﴿٥٠﴾ فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ ﴿٥١﴾ بَلْ يُرِيْدُ كُلُّ امْرِئٍ

گڏهه ڀڄندڙ آهن، جو ڀڳا شينهن کان، ۽ گهري ٿو هر شخص

ڀڄندڙ گڏهه آهن. جي شينهن کان ڀڳا هجن. بلڪ منجهائن هرهڪ ماڻهو گهرندو آهي

مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ﴿٥٢﴾ كَلَّا ؕ بَلْ لَّا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿٥٣﴾

انهن مان ته ڪيس ڏنو وڃي ڪتاب کليل، ائين نه ٿيندو، پر اهي نه ٿا ڊڄن آخرت کان.

ته ڪيس (آسمان مان) کليل ڪتاب ڏجن. ائين نه آهي. بلڪ آخرت کان نه ٿا ڊڄن.

كَلَّآ اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ ۚ﴿٥٤﴾ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ؕ﴿٥٥﴾ وَمَا يَذْكُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ

خبردار اهو قرآن نصيحت آهي. پوءِ جيڪو گهري ياد ڪري انکي. ۽ نہ ياد ڪندا مگر جي

سچ آهي تہ بيشڪ قرآن هڪ نصيحت آهي. پوءِ جيڪو گهري سو ان کي پڙهي. ۽ الله جي گهر کان سواءِ (ان کي) ياد ڪري نہ سگهندا

يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰى وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ ﴿٥٦﴾ ع

گهري الله. اهوئي آهي جنهن کان پرهيز ڪجي ۽ اهوئي بخشڻ وارو آهي.

(الله) اهو آهي جنهن کان ڊڄڻ گهرجي ۽ (اهو) بخشش جو مالڪ آهي.

سُوْرَةُ الْقِيٰمَةِ مَكِّيَّةٌ ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۔ اٰيَاتُهَا ٤٠ ۔ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ﴿١﴾ وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ ؕ﴿٢﴾ اَيَحْسَبُ

قسم ٿو کڻان ڏينهن قيامت جو. ۽ قسم ٿو کڻان نفس ملامت ڪندڙ جو. ڇا ڀانئي ٿو

قيامت جي ڏينهن جو قسم ٿو کڻان. ۽ ملامت ڪرڻ واري نفس جو قسم ٿو کڻان (تہ قيامت ۾ سڀ اٿندا). انسان ڀائيندو آهي ڇا

الْاِنْسَانُ اَلَّنْ نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ ؕ﴿٣﴾ بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّسَوِّيَ

انسان تہ هرگز نہ گڏ ڪنداسون هڏا ان جا. هائو سگهہ رکندڙ آهيون هن تي جو ٺاهيون

تہ سندس هڏا گڏ نہ ڪنداسون؟. هائو! سندس آڱرين جي ڏوڏين جي سڌي ڪرڻ تي وس وارا آهيون.

بَنَانَهٗ ﴿٤﴾ بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ ۚ﴿٥﴾ يَسْـَٔلُ اَيَّانَ يَوْمُ

ڏوڏڙيون ان جون. پر ارادو ڪري ٿو انسان تہ گناهہ ڪندو رهي اڳتي. پڇا ٿو ڪري تہ ڪڏهن ٿيندي

بلڪ انسان هيءُ گهرندو آهي تہ پنهنجي اڳ (ايندڙ وقت) لاءِ گناهہ ڪري. پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو؟

الْقِيٰمَةِ ؕ﴿٦﴾ فَاِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ ۙ﴿٧﴾ وَخَسَفَ الْقَمَرُ ۙ﴿٨﴾ وَجُمِعَ الشَّمْسُ

قيامت. پوءِ جڏهن اکيون ٽڙي وينديون، ۽ وٽبو چنڊ، ۽ گڏبو سج

پوءِ جڏهن اکيون ڦاٽي وينديون، ۽ چنڊ گرهبو، ۽ سج ۽ چنڊ (هڪ جاءِ) گڏ ڪبا.

وَالْقَمَرُ ۙ﴿٩﴾ يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ ۚ﴿١٠﴾ كَلَّا لَا وَزَرَ ؕ﴿١١﴾

۽ چنڊ، چوندو ماڻهو تنهن ڏينهن ڪيڏانهن ڀڄجي!! خبردار ڪانهي جاءِ پناهہ جي.

(تڏهن) ماڻهو چوندو تہ ڀڄڻ جي راهہ ڪٿي آهي؟ نہ نہ! ڪا واهہ ڪانهي.

اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِ ِالْمُسْتَقَرُّ ؕ﴿١٢﴾ يُنَبَّؤُا الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍۢ بِمَا قَدَّمَ وَ

تنهنجي رب ڏانهن ان ڏينهن آهي جاءِ قرار جي. ٻڌايو ويندو ماڻهوءَ کي ان ڏينهن جيڪي اڳي موڪليائين ۽

تهنجي پالڻهار وٽ ان ڏينهن ٽڪاڻو جو هنڌ آهي. ان ڏينهن ماڻهوءَ کي (انهيءَ حال حقيقت بابت) خبردار ڪبو جيڪي اڳي موڪليو هيائين

اَخَّرَ ﴿١٣﴾ بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰى نَفْسِهٖ بَصِيْرَةٌ ﴿١٤﴾ وَّلَوْ اَلْقٰى
رهائي آيو. بلڪ هوندو انسان پاڻ تي شاهد. توڙي جو پڌائي
۽ پوئتي رهايائين. بلڪ ماڻهو پنهنجي (الزام) لاءِ (پاڻ) هڪ حجت آهي. توڙيڪ پنهنجا بهانا پيش پيو ڪري.

مَعَاذِيْرَهٗ ﴿١٥﴾ لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ ﴿١٦﴾ اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ
پنهنجا لاچار. نه چورِ انهيءَ سان زبان پنهنجي جيئن تڪڙو وٺين انکي، بيشڪ اسان تي آهي گڏ ڪرڻ ان جو
(اي پيغمبر!) قرآن پڙهڻ مهل پنهنجي زبان کي (هن لاءِ) نه چور ته اهو جلدي (ياد ڪري) وٺين. چو ته (تنهنجي سيني ۾) قرآن جو گڏ ڪرڻ ۽ ان جو پڙهڻ

وَقُرْاٰنَهٗ ﴿١٧﴾ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ ﴿١٨﴾ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا بَيَانَهٗ ﴿١٩﴾
۽ پڙهڻ انجو. پوءِ جڏهن اسان پڙهون ان کي ته هل ان جي پڙهڻ تي، پوءِ بيشڪ اسان تي آهي پڌائڻ ان جو.
(آسان ڪرڻ) اسان جي ذمي آهي. پوءِ جڏهن قرآن (ملائڪ ڪان) پڙهايون تڏهن (پنهنجي دل) اُن جي پڙهڻ جي پٺيان لڳاءِ! وري بيشڪ اُن جي وضاحت

كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ ﴿٢٠﴾ وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿٢١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ
خبردار پر چاهيو ٿا توهان تڪڙي شيءِ کي. ۽ ڇڏيو ٿا دير اچڻ واري کي. ڪي منهن ان ڏينهن
ڪرڻ اسان جي ذمي آهي. نه نه! بلڪ (اي ڪافرو) دنيا کي دوست رکندا آهيو. ۽ آخرت کي ڇڏيندا آهيو. ڪي چهرا اُن ڏينهن

نَّاضِرَةٌ ﴿٢٢﴾ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ﴿٢٣﴾ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍۢ بَاسِرَةٌ ﴿٢٤﴾ تَظُنُّ
تازا هوندا. پنهنجي پالڻهار ڏي ڏسندڙ هوندا. ۽ ڪي منهن ان ڏينهن بڇڙا هوندا. ڀائيندا
تازا هوندا. پنهنجي پالڻهار ڏانهن ڏسندڙ هوندا. ڪي چهرا ان ڏينهن اداس (ٿيل) هوندا. ڀائيندا ته

اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ﴿٢٥﴾ كَلَّآ اِذَا بَلَغَتِ التَّرَاقِيَ ﴿٢٦﴾ وَقِيْلَ مَنْ سَكْتَةٌ
ته ڪٿي ويندي ساڻن ڪمر توڙ حالت. خبردار جڏهن پهچندو ساهه نڙيءَ تي، ۽ پڇيو ويندو ڪو آهي
ساڻن ڀنيءَ توڙ معاملو ڪيو ويندو. نه نه! جڏهن (ساهه) نڙگهٽ تي پهچندو. ۽ چيو ويندو ته ڪو ڦيڻو ڪرڻ

رَاقٍ ﴿٢٧﴾ وَّظَنَّ اَنَّهُ الْفِرَاقُ ﴿٢٨﴾ وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ ﴿٢٩﴾ اِلٰى
جهاڙ وارو، ۽ اهو ڀائيندو اها جدائي آهي، ۽ ملي ويندي پني پنيءَ سان، طرف
وارو آهي؟ ۽ (پڪ) ڀائيندو ته (هاڻي) هيءُ (وقت روح جي) جدا ٿيڻ (جو) آهي. ۽ هڪ پني ٻيءَ پنيءَ سان وچڙندي.

رَبِّكَ يَوْمَئِذِنِ الْمَسَاقُ ﴿٣٠﴾ فَلَا صَدَّقَ وَلَا صَلّٰى ﴿٣١﴾ وَلٰكِنْ
پالڻهار جي ان ڏينهن هلڻو آهي. پوءِ نه مڃوتي ڪيائين ۽ نکي نماز پڙهيائين پر
اُن ڏينهن تنهنجي پالڻهار ڏانهن هلڻو آهي. پوءِ نڪي (الله جي ڪلام جي) تصديق ڪيائين ۽ نڪي نماز پڙهيائين. پر

١ ع ١٤

كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿٣٢﴾ ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰى اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰى ﴿٣٣﴾ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ﴿٣٤﴾
ڪوڙو ڪيائين ۽ منهن موڙيائين، پوءِ هليو پنهنجي گهر سيٺجي. تباهي تو لاءِ پوءِ تباهي،
ڪوڙ ڀانيائين ۽ منهن موڙيائين. وري پنهنجي گهروارن ڏانهن آڪڙجي هليو. توتي خرابي هجي! پوءِ توتي خرابي هجي!.

ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ﴿٣٥﴾ اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًى ﴿٣٦﴾

وري تباهي تولاءِ پوءِ تباهي. ڇا ڀانئي ٿو انسان تہ ڇڏيو ويندو ڇڙواڳ.

وري (ٻيهر چوان ٿو تہ) توتي خرابي هجي، پوءِ توتي خرابي هجي!. انسان (ائين) ڀانئي ٿو ڇا تہ (کيس) بيڪار ڇڏي ڏبو؟

اَلَمْ يَكُ نُطْفَةً مِّنْ مَّنِيٍّ يُّمْنٰى ﴿٣٧﴾ ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ

ڇا نہ هو ڦڙو جوڻ جو اڇليو ويو هو. وري ٿيو رت جو ڏڳ پوءِ ان کي خلقيائين

(اهو) منيءَ جو ٽيپو نہ هو ڇا؟ جو (ماءُ جي ڳڀڻ ۾) اڇليو ٿي ويو. وري (رت جو) ڏڳ هو پوءِ الله

فَسَوّٰى ﴿٣٨﴾ فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٣٩﴾ اَلَيْسَ

پوءِ سنئين لڳين ٺاهيائين، پوءِ ڪيائين ان مان ٻہ جنسون نر ۽ مادي. ڇا ناهي

(ان کي) ٺاهيو ۽ (ان کي) سنئين لڳين ڪيائين. پوءِ منيءَ مان ٻہ جنسون نر ۽ مادي بڻايائين. اهو الله

ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ﴿٤٠﴾ ع ١٨/٢

اهو سگهہ رکندڙ هن تي جو جيئرو ڪري مُئلن کي.

هن (ڳالهہ) تي وس وارو نہ آهي ڇا جو مُئن کي جياري؟

سُوْرَةُ الدَّهْرِ مَكِّيَّةٌ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اٰيَاتُهَا ٣١ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان. آزاد

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا ﴿١﴾

بيشڪ گذريو انسان تي اهڙو دور زماني جو نہ هئو ڪا شيءِ پڇار ڪيل.

ڪڏهن انسان تي زماني مان هڪ (اهڙو) وقت گذري چڪو آهي، جو (هو اهڙي) ڪا شيءِ نہ هو جا يادگيريءَ ۾ اچي.

اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًا

اسان ئي پيدا ڪيو انسان کي ٽيپي گڏايل مان تہ آزمايون ان کي پوءِ ڪيوسون ان کي ٻڌندڙ

بيشڪ اسان ماڻهوءَ کي هڪڙي (ڳهٽ جزن سان) گڏيل نطفي مان پيدا ڪيو تہ ان کي پرکيون، پوءِ کيس ٻڌندڙ ڏسندڙ ڪيوسون.

بَصِيْرًا ﴿٢﴾ اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا ﴿٣﴾ اِنَّآ اَعْتَدْنَا

ڏسندڙ. بيشڪ اسان ڏيکاريو ان کي رستو پوءِ اهو شڪر ڪندڙ هجي يا ڪفر ڪندڙ. بيشڪ اسان تيار ڪيا آهن

بيشڪ اسان کيس سڌو ڏڳ ڏسيو (هاڻي هو) شڪر ڪندڙ ٿئي يا بي شڪر. بيشڪ اسان ڪافرن لاءِ

لِلْكٰفِرِيْنَ سَلٰسِلَا۠ وَاَغْلٰلًا وَّسَعِيْرًا ﴿٤﴾ اِنَّ الْاَبْرَارَ يَشْرَبُوْنَ مِنْ

ڪافرن لاءِ زنجير ۽ ڳٽ ۽ ٻرندڙ باهہ. يقينن ڀلا ماڻهو پيئندا اهڙي

زنجير ۽ ڳٽ ۽ ٻرندڙ باهہ تيار ڪئي آهي، بيشڪ نيڪ بخت پاڻ ها (انهيءَ شراب جي) پيالي مان پيئندا، جنهن جي

كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا ۟ۚ ٥ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوْنَهَا

پيالي مان آهي ملايل جنهن ۾ ڪافور. اهو چشمو جو پيئندا اتان الله جا ٻانها وهائيندا ان مان

ملاوت ڪافور (جي چشمي جي پاڻيءَ) جي هوندي، اهو هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا (پيارا) ٻانها پيئندا، جنهن کي جڳيءَ طرح وهائيندا.

تَفْجِيْرًا ٦ يُوْفُوْنَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُوْنَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا ٧

واهيون. جيڪي پوري ڪندا آهن باس ۽ ڊڄندا آهن ان ڏينهن کان جنهن جو شر پکڙجي ويندو.

(جي الله جي) باسيل باس پوري ڪندا آهن ۽ ان ڏينهن کان ڊڄندا آهن، جنهن جي بڇڙائي (هر طرف) پڌري هوندي.

وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّيَتِيْمًا وَّاَسِيْرًا ٨ اِنَّمَا

۽ کارائن ٿا کاڌو ان جي محبت ۾ فقير ۽ ڇوري ٻار ۽ قيدي کي. رڳو

۽ طعام جي (ڪين) ضرورت هوندي به محتاج ۽ يتيم ۽ قيديءَ کي کارائيندا آهن. (۽ چوندا آهن ته) اسين ته

نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّلَا شُكُوْرًا ٩ اِنَّا نَخَافُ

کارايون ٿا توهان کي الله خاطر نه ٿا گهرون توهان کان عيوض ۽ نکي شڪريو. بيشڪ اسان خوف ٿا ڪريون

اوهان کي الله جي راضپي واسطي کارائيندا آهيون، اوهان کان نه ڪو بدلو ۽ نه ڪا شڪرگذاري گهرندا آهيون. بيشڪ اسين

مِنْ رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا قَمْطَرِيْرًا ١٠ فَوَقٰهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الْيَوْمِ

پنهنجي رب جو ڏينهن ٺيوڙيءَ سختيءَ واري کان. پوءِ بچايو انهن کي الله برائي ان ڏينهن جي کان

پنهنجي پالڻهار کان هڪ ڏکئي ڏينهن کان ڊڄندا آهيون، جو تمام سخت آهي. پوءِ الله اُن ڏينهن جي شر کان کين بچايو

وَلَقّٰىهُمْ نَضْرَةً وَّسُرُوْرًا ۟ۚ ١١ وَجَزٰىهُمْ بِمَا صَبَرُوْا جَنَّةً وَّحَرِيْرًا ۟ۙ ١٢

۽ رسايائين انهنکي تازگي ۽ خوشي. ۽ عوض ۾ ڏنائين انهنکي جو سٺائون، باغ ۽ ريشم،

۽ انهن کي تازگي ۽ خوشي پهچائي. ۽ سندن صبر ڪرڻ سببان باغ ۽ پَٽ (جو ويس) کين بدلو ڏنائين.

مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ ۚ لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا ۟ۚ ١٣

ٽيڪ ڏيئي ويهندا ان ۾ پلنگن تي، نه ڏسندا اتي گرمي ۽ نکي سردي.

اُن (باغ) ۾ پلنگن تي ٽيڪ ڏئي ويهندا، اُتي نه ڪي سج جي تپش ۽ نکي ڪا سخت سردي ڏسندا.

وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلٰلُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوْفُهَا تَذْلِيْلًا ١٤ وَيُطَافُ

۽ ويجهيون هونديون مٿن ڇانئون ان جون ۽ جهڪايا ويلدا ميوا ان جا تمام هيٺ. ۽ ڦيرايا ويندا

۽ ان (باغ) جون ڇانئون مٿن ويجهيون ٿيل هونديون ۽ ان جا ميوا (پٽ ۾) چڱيءَ طرح (لڙڪائي) ويجها ڪبا. ۽

عَلَيْهِمْ بِاٰنِيَةٍ مِّنْ فِضَّةٍ وَّاَكْوَابٍ كَانَتْ قَوَارِيْرَا۠ ۟ۙ ١٥ قَوَارِيْرَا۠

انهن تي ٿانءَ چانديءَ جا ۽ گلاس جيڪي هوندا شيشي جا، شيشا

چانديءَ جي ٿانوَن ۽ پيالن سان وٽن اچ وڃ ٿيندي، جي شيشن وانگر هوندا. (پر) شيشا (به) چانديءَ جا

قرء حفص بغير الالف في الوصل فيهما ووقف على الاول بالالف وعلى الثاني بغير الالف ١٢

مِنْ فِضَّةٍ قَدَّرُوْهَا تَقْدِيْرًا ﴿١٦﴾ وَيُسْقَوْنَ فِيْهَا كَاْسًا كَانَ مِزَاجُهَا
چانديءَ جا ٺاهيو اٿن جنکي ماپ ڪري. ۽ کين پياريو ويندو اتي پيالو هوندي ملاوت ان ۾
جن کي انهن (پيارينڊڙن) پوري اندازي سان ٺهرايو آهي. ۽ اتي کين شراب جا پيالا پياريا، جنهن (جي پاڻيءَ) جي ملاوت

زَنْجَبِيْلًا ﴿١٧﴾ عَيْنًا فِيْهَا تُسَمّٰى سَلْسَبِيْلًا ﴿١٨﴾ وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ
سُنڍ جي. اهو چشمو اتي ڪوٺجي ٿو سلسبيل. ۽ ايندا ويندا انهن وٽ نوڪر
سُنڍ (جي چشمي) جي هوندي. اتي اهو هڪ چشمو آهي، جنهن جو سلسبيل نالو رکيو ٿو وڃي. ۽ وٽن هميشه رهندڙ نينگر پيا گهمندا ڦرندا.

مُّخَلَّدُوْنَ ج اِذَا رَاَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنْثُوْرًا ﴿١٩﴾ وَاِذَا رَاَيْتَ ثَمَّ
هميشه حاضر. جڏهن ڏسندين انهن کي تہ ڀائيندين انهن کي موتي ڪنڌريل. ۽ جڏهن ڏسندين تہ اتي
(اي ڏسندڙ!) جڏهن انهن کي ڏسندين (تڏهن) انهن کي ڪنڌريل موتي پيو ڀائيندين. ۽ جڏهن اتي نهاريندين

رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّمُلْكًا كَبِيْرًا ﴿٢٠﴾ عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ سُنْدُسٍ خُضْرٌ وَّ
ڏسندين گهڻي نعمت ۽ بادشاهي وڏي. هوندا مٿائن ڪپڙا سنهي پٽ جا ساوا ۽
(تڏهن) اَڻ ڪٿ نعمت ۽ وڏي بادشاهي پيو ڏسندين. مٿائن سنهي سائي پٽ جا ۽ ٿلهي پٽ جا

اِسْتَبْرَقٌ ز وَّحُلُّوْٓا اَسَاوِرَ مِنْ فِضَّةٍ ج وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا
ٿلها ريشمي ۽ پارايا ويندن پٽا چانديءَ جا. ۽ پياريندو انهن کي سندن پروردگار مشروب
ڪپڙا هوندا ۽ چانديءَ جا ڪنگڻ کين پارايا ويندا ۽ سندن پالڻهار کين تمام پاڪ شراب پياريندو.

طَهُوْرًا ﴿٢١﴾ اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّكَانَ سَعْيُكُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿٢٢﴾ ع ١ ٢٢ ١٩
پاڪ بيشڪ اهو آهي توهان جو بدلو ۽ آهي ڪمائي توهان جي قبول.
(چيو ويندو تہ) بيشڪ اِهو اوهان (جي عملن) جو بدلو آهي ۽ اوهان جي محنت قبول ڪيل آهي.

اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ تَنْزِيْلًا ﴿٢٣﴾ ج فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَ
بيشڪ اسان ئي لاٿو توتي قرآن ٿورو ٿورو ڪري. پوءِ تون صبر ڪر پنهنجي پالڻهار جي فيصلي تائين ۽
بيشڪ اسان توتي قرآن درجي بدرجي لاٿو. پوءِ پنهنجي پالڻهار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر ۽

لَا تُطِعْ مِنْهُمْ اٰثِمًا اَوْ كَفُوْرًا ﴿٢٤﴾ ج وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٢٥﴾ صلے
نہ چيو مڃ انهن مان ڪنهن مجرم ۽ منڪر جو. ۽ ياد ڪر نالو پنهنجي رب جو صبح ۽ شام.
انهن (ماڻهن) مان ڪنهن گنهگار يا بي شڪر جو چيو نہ مڃ. ۽ پنهنجي پالڻهار جو نالو صبح ۽ سانجهيءَ ياد ڪر.

وَمِنَ الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيْلًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ
۽ رات جو پوءِ سجدو ڪر ان کي ۽ تسبيح پڙهہ ان جي رات گهڻي. بيشڪ اهي چاهين ٿا
۽ ڪجهه (وقت) رات ۾ ان لاءِ نماز پڙهہ ۽ گهڻي رات سندس پاڪائي ساراهہ. بيشڪ اهي (ڪافر) دنيا کي

الْعَاجِلَةَ وَيَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا ﴿٢٧﴾ نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ وَ

تڪڙيءَ ايندڙ وٽ کي ۽ ڦٽو ٿا ڪن پٺيان پنهنجي ڏينهن ڳري کي. اسان پيدا ڪيو انهن کي ۽

پيارو رکندا آهن ۽ ڳري ڏينهن کي پنهنجي پٺيان ڦٽو ڪندا آهن. اسان کين پيدا ڪيو ۽

شَدَدْنَآ اَسْرَهُمْ ۚ وَاِذَا شِئْنَا بَدَّلْنَآ اَمْثَالَهُمْ تَبْدِيْلًا ﴿٢٨﴾ اِنَّ هٰذِهٖ

مضبوط ڪيوسون انهن جي سَنڌن کي، ۽ جڏهن گهرنداسون ته مٽائي آڻينداسون ٻيا انهن جهڙا. بيشڪ هي

سندن سَنڌ پختا ڪياسون ۽ جيڪڏهن گهرون (ته) انهن جهڙا ٻيا عيوض ۾ مٽائي آڻيون. بيشڪ اِها

تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٢٩﴾ وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ

نصيحت آهي پوءِ جيڪو چاهي وٺي پنهنجي رب ڏانهن رستو. ۽ نه ٿا گهرو اوهان مگر

نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن واٽ وٺي. ۽ اوهين نه گهرندؤ پر اهو جيڪي

اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٣٠﴾ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ

جيڪي گهري الله. بيشڪ الله آهي گهڻو ڄاڻندڙ ڏاڍو ڏاناءُ. داخل ڪري ٿو جنهن کي گهري

الله گهري، جو ته الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. جنهن کي گهري (تنهن کي) پنهنجيءَ

فِيْ رَحْمَتِهٖ ۭ وَالظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٣١﴾ ع ٢٠

پنهنجي رحمت ۾، ۽ ظالمن لاءِ تيار ڪيو اٿس عذاب دردناڪ.

رحمت ۾ داخل ٿو ڪري ۽ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس.

سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰتِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٥٠ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ﴿١﴾ فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ﴿٢﴾ وَّالنّٰشِرٰتِ

قسم آهي موڪليل نرم هوائن جو. پوءِ زور سان ڦُلڻ وارين جو. ۽ قسم آهي ڪڪرن کي پکيڙيندڙ

وڻندڙن لڳندڙن هيرن جو قسم آهي. پوءِ زور سان لڳڻ وارن وائن جو قسم آهي. ۽ (ڪڪرن کي) ڪُنڊن پکيڙيندڙن وائن

نَشْرًا ﴿٣﴾ فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ﴿٤﴾ فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ﴿٥﴾

هوائن جو. پوءِ انهن کي ڌار ڌار ڪرڻ وارين جو. پوءِ قسم آهي ملائڪن پهچائيندڙن قرآن جو.

جو قسم آهي. پوءِ (ڪڪرن کي) هڪ ٻئي کان جدا ڪندڙن وائن جو قسم آهي. پوءِ وحي آڻيندڙن ملائڪن جو قسم آهي.

عُذْرًا اَوْ نُذْرًا ﴿٦﴾ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ ﴿٧﴾

بهاني ڀڃڻ لاءِ يا ڊيڄارڻ لاءِ. بيشڪ جنهنجو توهان سان وعدو ڪجي ٿو اهو ٿيندڙ آهي.

(جي) عذر وڃائڻ لاءِ يا ڊيڄارڻ لاءِ (وحي آڻيندا آهن). ته بيشڪ جنهن (ڳالهه) جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو سا ضرور ٿيڻي آهي.

فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ﴿٨﴾ وَ اِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ﴿٩﴾

پوءِ جڏهن تارا بي نور ٿيندا. ۽ جڏهن آسمان کولبو ويندو.

پوءِ جڏهن تارا ميٽي ڇڏبا. ۽ جڏهن آسمان چيربو.

وَ اِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ﴿١٠﴾ وَ اِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ ﴿١١﴾

۽ جڏهن جبل ذرڪيا ويندا. ۽ جڏهن رسولن کي حاضري ملندي.

۽ جڏهن جبل اڏائبا. ۽ جڏهن پيغمبر (نهرايل وقت تي) گڏ ڪبا. (تڏهن ثابت ٿيندو ته پيغمبرن کي

لِاَىِّ يَوْمٍ اُجِّلَتْ ﴿١٢﴾ لِيَوْمِ الْفَصْلِ ﴿١٣﴾ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا

اُهي ڪهڙي ڏينهن لاءِ رهايا ويا آهن. فيصلي جي ڏينهن لاءِ. ۽ ڇا خبر توکي ته ڇا آهي

ڪهڙي ڏينهن لاءِ ترسايو ويو؟ فيصلي جي ڏينهن لاءِ. ۽ توکي ڪهڙيءَ شيءِ ڄاڻايو ته فيصلي

يَوْمُ الْفَصْلِ ﴿١٤﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٥﴾ اَلَمْ نُهْلِكِ

فيصلي جو ڏينهن. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. ڇا نه هلاڪ ڪيوسون

جو ڏينهن ڇا آهي؟ اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي. پهرين کي هلاڪ نه

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٦﴾ ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٧﴾ كَذٰلِكَ

پهرين کي. وري انهن جي ڪيڙلاتوسون پين کي. اهڙي ئي

ڪيو اٿئون ڇا؟ وري (اُن کان پوءِ) پوين کي انهن جي پٺيان آڻيندا آهيون. ائين

نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٨﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٩﴾

ڪار ڪريون ٿا ڏوهارين سان. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

ڏوهارين سان ڪندا آهيون. اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي.

اَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ﴿٢٠﴾ فَجَعَلْنٰهُ

ڇا نه خلقيوسون توهان کي پاڻي خسيس مان. پوءِ رکيوسون انکي

اوهان کي خسيس پاڻيءَ مان نه بڻايو اٿئون ڇا؟. پوءِ اُن (پاڻيءَ) کي

فِىْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ﴿٢١﴾ اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٢٢﴾ فَقَدَرْنَا صلے

محفوظ جاءِ ۾. وقت مقرر تائين. پوءِ تيار ڪيوسون

هڪ پڪي هنڌ ۾ رکيو سون. هڪ مقرر وقت تائين. پوءِ (ڪيس) پورو بڻايوسون

فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٤﴾

پوءِ واهه جو قدرت وارا آهيون. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

جو (اسين) چڱي سگهه وارا آهيون. اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي.

اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا ﴿٢٥﴾ اَحْيَآءً وَّ اَمْوَاتًا ﴿٢٦﴾

چانہ ڪئي سون ڌرتي ميڙي وٺندڙ. جيئرن ۽ مئلن کي.

زمين کي ماپائڻ واري نہ ڪيو اٿئون ڇا؟ (جو) جيئرن ۽ مئن کي (ماپائي).

وَّ جَعَلْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ شٰمِخٰتٍ وَّ اَسْقَيْنٰكُمْ

۽ ڪياسون منجھس ڳرا پهاڙ بلند ۽ پياريوسون اوهان کي

۽ زمين ۾ وڏا پڪا جبل (پيدا) ڪياسون ۽ اوهان کي

مَّآءً فُرَاتًا ﴿٢٧﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٨﴾

پاڻي وڻندڙ. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

مٺو پاڻي پياريوسون. اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي.

اِنْطَلِقُوْٓا اِلٰى مَا كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٩﴾

هلو ان (دوزخ) ڏانهن جنهنکي توهان ڪوڙو پائيندا هئا.

(چيو ويندو تہ هاڻي) جنهن (دوزخ) کي اوهين ڪوڙ پائيندا هيو، تنهن ڏانهن هلو.

اِنْطَلِقُوْٓا اِلٰى ظِلٍّ ذِيْ ثَلٰثِ شُعَبٍ ﴿٣٠﴾ لَّا ظَلِيْلٍ

هلو ان ڇانوَ ڏانهن جا ٽن شاخن واري آهي. نہ ٿڌي آهي

(ڇنبن تہ) ٽن شاخن واريءَ ڇانوَ ڏانهن هلي پئو! نہ ٿڌي (ڇانو)

وَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ اللَّهَبِ ﴿٣١﴾ اِنَّهَا تَرْمِيْ بِشَرَرٍ

۽ نہ بچائيندي ڄڀي کان. اها اڇلي ٿي چڻنگون

هوندي ۽ نہ (باھ جي) ٿوَ کان بچائيندي. بيشڪ اها (باھ)

كَالْقَصْرِ ﴿٣٢﴾ كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفْرٌ ﴿٣٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ

ماڙيءَ جيڏيون. ڄڻ تہ اهي اُٺ هيڊا آهن. تباهي آهي تنهن ڏينهن

ماڙيءَ جيڏيون چڻنگون اڇليندي آهي. ڄڻ تہ اهي هيڊا اُٺ آهن. اُن ڏينهن ڪوڙ

لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٤﴾ هٰذَا يَوْمُ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَلَا يُؤْذَنُ

ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. هي اهو ڏينهن آهي نہ ڳالهائيندا. ۽ نہ موڪل ملندي

پائيندڙن لاءِ ويل آهي. اِهو اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ نہ ڳالهائيندا. ۽ نڪي کين موڪل ڏبي

لَهُمْ فَيَعْتَذِرُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٧﴾

انهن کي جو عذر پيش ڪن. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

تہ (ڪو) عذر (بيان) ڪن. اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي.

هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ ۚ جَمَعْنٰكُمْ وَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾

هي | ڏينهن | فيصلي جو آهي، | گڏ ڪيوسون اوهان کي | ۽ | اڳين کي.

هيءُ فيصلي جو ڏينهن آهي، اوهان کي ۽ اڳين کي گڏ ڪيوسون.

فَاِنْ كَانَ لَكُمْ كَيْدٌ فَكِيْدُوْنِ ﴿٣٩﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ

پوءِ جيڪڏهن | آهي اوهان کي | ڪو وار ڪرڻ | پوءِ ڪريو مون تي. | تباهي آهي | تنهن ڏينهن

پوءِ جيڪڏهن اوهان کي ڪا بچڻ رٿ ڪرڻي آهي ته منهنجي حق ۾ رٿيو. اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن

لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٠﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ ظِلٰلٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿٤١﴾

ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. | بيشڪ | پرهيزگار | هوندا ڇانون ۾ | ۽ | چشمن ۾.

لاءِ ويل آهي. بيشڪ پرهيزگار ڇانوَن ۽ چشمن ۾ هوندا. ۽ جنهن جنس مان گهرندا

وَّ فَوَاكِهَ مِمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٤٢﴾ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا

۽ | ميون ۾ | جهڙا | چاهين. | کائو | ۽ | پيئو | رڄ ڪري | جو

(تنهن جِنس جي) ميون ۾ هوندا. (چئبن ته چڱا) ڪم ڪندا هيَو تنهن ڪري خوش ٿي کائو

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٤٤﴾

اوهين چڱا ڪم ڪندا هئا. | بيشڪ اسان | اهڙو ئي | بدلو ڏيندا آهيون | ڀلارن کي.

۽ پيئو. بيشڪ اسين نيڪن کي ائين بدلو ڏيندا آهيون.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٥﴾ كُلُوْا وَ تَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا

تباهي آهي | تنهن ڏينهن | ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. | کائو | ۽ | مزا ماڻيو | ٿورو وقت

اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي. (اي ڪوڙ پائيندڙؤ! دنيا ۾) ٿوري دير کائي وٺو ۽ مزا ماڻي وٺو.

اِنَّكُمْ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٧﴾

بلاشڪ اوهين | ڏوهاري آهيو. | تباهي آهي | تنهن ڏينهن | ڪوڙي ڪندڙن لاءِ.

بيشڪ اوهين ڏوهاري آهيو. اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي.

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ

۽ جڏهن | چئجي ٿو | انهن کي | نماز پڙهو | ته نماز نه پڙهندا آهن. | تباهي آهي | تنهن ڏينهن

۽ جڏهن کين چئجي ته نماز پڙهو (تڏهن) نماز نه پڙهندا آهن. اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن

لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٠﴾

ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. | ڀلا ڪهڙي ڳالهه تي | قرآن کان پوءِ | ايمان آڻيندا.

لاءِ ويل آهي. پوءِ اُن (قرآن) کان پوءِ ڪهڙي ڳالهه سان ايمان آڻيندا؟

